امان جو پينگهو

ليکڪ

واسديو ’نرمل‘

ناٽڪ ”امان جو پينگهو“ جي ڪلاڪارن جي گروپ فوٽو ۾ (کاٻي کان) وڪاس مکيجا، گريش آهوجا، گهنشيام واسواڻي، ميناڪشي واسواڻي، پريو وفا، واسديو نرمل، جڳديش شرما ۽ ناٽڪ جا ٻيا ڪلاڪار.

17 NOV 2017

N (14)

امان جو پينگهو

ليکڪ:-

واسديو ''نرمل''

سال :۲۰۰۵)   (چاپو: ٻيون

قيمت:

رپيا پنجاهه

پرڪاشڪ:

پورنما پبليڪيشن

۳۰، بي. ڪي. ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي

شنڪر لين، ڪانديولي (اولهه)

ممبئي - 400067

ناٽڪ ”اَمان جو پينگهو“ جي هڪ درشيہ ۾ (ساڄي ڪان) ڪنوار پيءُ جي رول ۾ واسديو نرمل ۽ گهوٽ پيءُ جي رول ۾ راجن شرما.

اَرپيم،

سنڌي رنگ منچ جي پهڳڻي ڪلاڪار ۽ هدايتڪار

جڳديش شرما

ڪي،

جنهن جي اَڻٿڪ محنت سبب ئي

ناٽڪ ”اَمان جو پينگهو“

محدود عرصي اَندر،

گهنشيام واسواڻيءَ

جي لاثاني موسيقي سان سجائي،

جئرام روپاڻي

”اَسين سنڌي“ سنستا طرفان،

رنگ منچ تي بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪري سگهيو

- واسديو ”نرمل“

AMAA JO PENGHO

(A Two- Act Play In Sindhi)

Author :	VASUDEV 'NIRMAL'
Address Of Author	: Flat C-21, GARIB SOCIETY J.V.P.D. Scheme, N.S. Road No. 5, JUHU, MUMBAI-400049
Tel	:26202532

Month & Year of Publication	: MAY 2005
Edition	: Second
Price	: Rs. 50
Cover Design	:RAM LALCHANDANI
Publisher	:POORNIMA PUBLICATION 30, B.K. Co-operative Housing Society, Shankar Lane, Kandivili (west) MUMBAI- 400067
Printers	:ART & IMAGE 212, ALLIED INDUSTRIAL ESTATE MAHIM- 400016.
Tel	:56662315 - 56662806

Copy right with the author

سنگيتمئہ ناٽڪ ”اَمان جو پينگهو“

واسديو نرمل هڪ چاتل سڃاتل سنڌي شاعر تہ آهي ئي، پر سنڌي رنگ منچ کي ڪيترائي اَڻ وسرندڙ طويل (Full-length) ناٽڪ ڏيئي مالا مال ڪيو اَٿائين، جن ۾ ”هيءُ پياسو من منهنجو“، ”هاءِ منهنجي دل“، ”شادي تہ ڪر“، ”لوليٽر“، ”پيار ڪري ڏس“، ”هڪ.... ٻہ....ٽي“، ”رات جو يارهين بجي“، ”پلءُ پلي“، ”ضرورت آهہ گهوٽ جي“، ”جڏهن مان نہ هوندس“ وغيره قابل - ذڪر آهن. ان ڪانسواءِ رنگ منچ، ريڊيو ۽ ٽي.وي. لاءِ بہ ڪيترائي اَصلوڪا ايڪانڪي ناٽڪ لکيا اَٿائين، جن مان ”نئون ٽيليفون“، ”بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي“، ”ٻوڙا اَچي مڙيا“، ”سس ڙِي سس“، ”جوءِ ڪپي“، ”گرائونڊ فلور“ وغيره بيحد ڪامياب ٿيا آهن.

واسديو نرمل، ”سنڌ منهنجي اَمان“ بئلي لاءِ گيت بہ لکيا آهن، تہ سنڌي فلم ”پاڙيواري“ لاءِ ڪهاڻي ۽ ڊائلاگ بہ لکيا اَٿائين. سندس تازي سنگيتمئہ ناٽڪ ”اَمان جو پينگهو“ ۾ نرمل جي شاعري بہ نکري بيني آهي. چا لولي، چا وداعي گيت، چا لاڏو، چا ٽائيٽل گيت - مڙيئي ناٽڪ کي ڪٽي بينا آهن. اِهو ناٽڪ صحيح معنيٰ ۾ سنڌيت جي ترجماني ڪندڙ ناٽڪ سڏي سگهجي ٿو. اَهڙو لاجواب ناٽڪ پارت توڙي ولائت ۾، جتي جتي سنڌي جهجهي تعداد ۾ آهن، اُتي اَوس اسٽيج تي پيش ٿيڻ گهرجي.

شوپا لعلچنداڻي

فلئٽ 7، بلڊنگ 14B
چيني پيڻ ڪالوني،
موري روڊ، مهيم، ممبئي - 400016

پنهنجي طرفان

هڪ ڏينهن ’اَسين سنڌي‘ سنستا جي روح روان شري جئرام روپاڻيءَ هڪ ڪچي لوڪ- ڪهاڻيءَ جو تات پرچ مونکي ٽوڪيءَ ۾ ٻڌايو، جنهن ۾ هڪ ٻيڙيءَ جو پنهنجي پراڻي آباڻي جنڊ لاءِ بيحد اُڪير جو ذڪر هئو. هن جنڊ عيوض سنڌي پينگهو ڪٽي سنڌيت لاءِ اُتساهه پيدا ڪرائيندڙ ناٽڪ لکڻ لاءِ چيو ۽ اُن لاءِ نهڪندڙ گيت بہ لکڻ لاءِ چيائين. ڪجهہ ڏينهن اُن تي سوچي هڪ خاڪو تيار ڪري جئرام روپاڻيءَ کي پڙهي ٻڌايم. کيس خاڪو ڏاڍو پسند آيو. مونکي ناٽڪ جلد لکي ڏيڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. مان بہ ناٽڪ لکڻ شروع ڪري ڇڏيو.

ناٽڪ لکندي مون سنڌي پينگهي کي هڪ ڪردار جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پينگهو يعني سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتيءَ جو مجسم، جيڪو سنڌي ڪلا جو بي جوڙ نمونو آهي. اُن سان سنڌي لوليون، سنڌي لاڏا، سنڌي اوراڻا، سنڌي ڪافيون ۽ سنڌي وايون واڳيل آهن. اِهو ڏيکارڻ جو جتن ڪيو اَٿم تہ اُن پينگهي جي ٽڪر ٽڪر ۾ ’اَمان‘ ڪردار جي ماءُ جي ممتا اُڪريل آهي. اُن ۾ سندس ماءُ جي آتما سمايل آهي. اُن کي بيجان پٽر نہ، بلڪ جگر جو ٽڪر تي سمجهي. اُن جي پنهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ پرگهور ٿي لهي. اُن پينگهي ۾ ٻڌل گهنٽين مان سندس ماءُ جي لولين جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، اُن جي ٽڪر ٽڪر ۾ کيس سنڌي سنگيت سمايل نظر اَچي ٿو.

ناٽڪ جي ڪهاڻي ورهاڱي کان اڳ شروع ٿئي ٿي. ڪوشش اِهائي ڪئي اَٿم تہ اُن ۾ سمپورڻ جيون- جمڻ کان مرڻ تائين - جو قصو ٻڌايان، ۽ ان سفر جي دوران سنڌي رسمن رواجن، ڏڻن وارن، شادين غمين جو سنگيت مئہ چٽ چٽيان ۽ ان لاءِ ناٽڪ ۾ لولي، لاڏي، وداعي گيت، ڀراٽي، پڳت جو اَچڻ بلڪل سڀاويڪ آهي. ۽ جڏهن ناٽڪ لکجي پورو ٿيو تہ ناٽڪ جي گ يتن کي لاجواب سنگيت سان سينگارڻ لاءِ جئرام روپاڻي گهنشيام واسواڻي کي جوابداري ڏني ۽ ناٽڪ جي هدايتڪاري، سيٽ ڊزائين، روشني بندوبست وغيره لاءِ جگديش شرما تي ڪم رکيائين، جيڪو ٻنهي بخوبي نباهيو آهي. مان ٻنهي جو ٿورائتو آهيان. درشڪن کي تہ ناٽڪ بيحد وڻيو آهي، پر پاٺڪن کي اِهو ڪيئن لڳو آهي اُنجو مان اِنتظار ڪندس.

واسديو ’نرمل‘

قيمت تي چڙهڻ لاءِ تيار ڪانهي ۽ آخرين دم به اُنهيءَ پينگهي ۾ ڏئي ٿي.
انهيءَ وچ ۾ جيون جي سفر جا جيڪي به ڏاڪا آهن، تن کي ڪهاڻيءَ ۾ جوڙڻ جو يتن ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي اثرائتي انداز ۾ ڪلاتمڪ نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جئن ته ٻار جي جمڻ تي لوليءَ کي آندو ويو آهي ۽ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. شاديءَ جي موقعي تي لاڏا به خوب نزاڪت سان آيا آهن. خاص طور گرپوتي زال جي مهنن جي واڌ تي جيڪو مذاقي 'جهينگو...' واراو اسم، پيش پرو. نيها ايسراڻيءَ پيش ڪيو، سو واقعي بيمثال هئو ۽ پيش کي تمام گهڻي شاباس هجي. ڀهراڻو به آندو ويو آهي ته خوشيءَ جي موقعي تي پڳت به وجهائي ويئي آهي.
پڳت ڪمل ۽ سندس ساٿين واقعي خوب رنگ لڳايو. ڪمل نوجوان پڳت ڏاڍو چتر - زبان، ڦناڪو ۽ سنو ڳائڪ آهي. نوجوان طبقي جي نئين ماحول کي به ڪونه وساريو ويو هئو. انهن کي ڪشش ڪرڻ لاءِ ڊسڪو جو به هڪ اسم شامل هئو. ننڍي ۽ ٿهيءَ کي سنڌيت جي پاونا سان ويجهو آڻڻ لاءِ اِهو تمام سنو ۽ اثرائتو طريقو آهي.
هن سهڻي، ڪامياب پيشڪش جي پٺيان جيڪي شخص ڪم ڪري رهيا هئا، سي سنڌيءَ جا ڀوڳيا ڪلاڪار، سنگيتڪار، ڪوي ۽ ناٽڪڪار آهن. ناٽڪ جي ڪهاڻي، گفتگو ۽ سڀ گيت سنڌيءَ جي مشهور ڪويءَ ۽ پرسڌ ناٽڪ نويس شريو اسديو نرمل تيار ڪيا هئا ۽ سندس قلم ۽ ڪلام جو جادو پڌري پٽ ظاهر هئو. شري پريوءَ وفا سنڌيءَ جي بزرگ ۽ نامور ڪوي ٽائيٽل گيت جي رچنا ڪئي هئي. ناٽڪ جي سنگيت جو رچيندڙ هئو اڄ جو پرسڌ ڳائڪ گهنشيام واسواڻي، جنهن سنڌي جڳت ۾ پنهنجي ڇاپ لڳائي ڇڏي آهي. دراصل گهنشيام جو پورو پريوار سنگيت سان لائون لڏل آهي. سندس ڌرمپتي ميناڪشي، ڌيءَ شلپا ۽ پٽ گوڙو سنا ۽ سريلا ڳائڪ ۽ پنهنجي ليکي مڃيل ڪلاڪار آهن. جيڪو مرڪزي گيت 'امان جو پينگهو' لڳاتار هلندو رهيو، اُهو ڪافي خوبصورت ۽ دل پڄائيندڙ هئو. طرز ۽ سُر به موهيندڙ هئو. اِهو گيت، واسديو نرمل لکيو آهي، اُن لاءِ کيس خوب داد ڏيڻ گهرجي. هن سڄي کيل ۾ جان پرڻ وارو 'پڳوان' هئو، سنڌي رنگ منچ جو سهڻو، برجستو ۽ ڀومڪي ڪلاڪار جڳديش شرما، جنهن ڪلاڪارن جي فوج (اَنڪل ٽيهارو ڪن) کي هڪ هنڌ گڏ ڪري مهنن ڪان قواعد ڪرائي آهي ۽ موٽ ۾ حاصل ڪيو آهي 'اَمان جو پينگهو' جيڪا هڪ انوکي حاصلات آهي ۽ جڳديش جي چٽ ۾ هڪڙو سندر گل آهي.
اهڙا پروگرام ڏيڻ لاءِ جيرام روپاڻي ۽ سندس سپتر منيش روپاڻي، سندس ڌرمپني ريکا ۽ ٻين ساٿين ۽ سهيوگين گهڻيون کيرون لهڻيون جو پنهنجون ننڊون ۽ آرام حرام ڪري سنگت کي وندرايو اٿن ۽ پنهنجي اوچ ورثي جو پيغام پهچايو اٿن.
شاباس! هڪ نه، پر لکين شاباسون! (هندواسي' ٣٠ مارچ ٢٠٠٣)

''اَمان جو پينگهو'' هڪ لاجواب پيشڪش

- ڪيرت ٻاٻاڻي

''اسين سنڌي'' مخزن جو روح - روان، **جيرام روپاڻي** ٻه سنڌي جاتيءَ جي اُنهن شخص مان آهي، جن 'سنڌيت' سان وهانءُ ڪري ڇڏيو آهي. جن جو اُٿڻ وهڻ، سوچڻ، سمجهڻ، ڪائڻ ۽ ساهه کڻڻ ۾ ٻه سنڌيت‍پيئي وسندي آهي. ٻن ڳالهين ڪان تہ هو سنڌي جڳت ۾ مشهور ٿي ويو آهي. هڪڙو آهي تہ هر سال سنڌيت جي سنيهه سان پرپورن ٿن ڪلاڪن جو (هر سال نئون) سيٽڪ وندر جو پروگرام ڏيندو رهندو آهي (سال ١٩٩٦ ڪان وٺي) ٻيو تہ هن پاڻ کي 'نہ هڪڙو منت اڳہ، نہ هڪڙو منت پوءِ' جي نالي سان(nickname) پيارو ڪري ڇڏيو آهي. شام جو ستين جو گهنڊ وڄڻ سان پردو مٿي کڄندو آهي ۽ ڏهين جو نڪاءُ ٿيڻ سان پردو هيٺ ڪرندو آهي. اهڙي پڪي ۽ چست انتظام لاءِ جيرام روپاڻي، خاص طور سنڌي جاتيءَ وٽان 'گل ۽ پٽر' ٻئي جهول ۾ پاتا آهن. هو خوش آهي 'ڏنو جيڪي ڏاتار سو سوگهو جهليم جهول ۾...'

جيرام جا پروگرام اڪثر سنگيت، ناٽڪ ۽ نرتيہ جا سهڻا سنگم هوندا آهن. هن سال پڻ جيڪو پروگرام هئو، سو اُهن ٽنهين ڪلائن جو سندر سنگم هئو، پر ان کي هڪ نفيس پر مضبوط جذبي جي ڏور سان پوئي، هڪ ٻن فصلن جو وڏو ناٽڪ ڪري ٢٢ مارچ تي بمبئي جي نهرو آڊيٽوريم ۾ ٺمٺار هال اندر پيش ڪيو ويو. ناٽڪ جو نالو هئو ''اَمان جو پينگهو''، جنهن جي ڪهاڻي، هر سنڌيءَ وانگر، سنڌ مان شروع ٿيندي آهي هند ۾ ختم ٿيندي آهي، پر هن پينگهي جي ڪهاڻي ختم ڪانہ ٿي ٿئي. اجا گهڻيئي صديون زنده رهندي.

ڪهاڻيءَ جو ڪئنوس ڪشادو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪٽنب جي ٽن پيڙهين جو داستان اچي ٿو وڃي. مراد اِها آهي تہ انسان جي پوري زندگيءَ جو قصو (جمڻ کان مرڻ تائين) ڇٽيو وڃي ۽ ان جيون جي سفر ۾ جيڪي رسمون رواج، خوشيون، غم، ڏڻ وار، لاهيون چاڙهيون اَچن ٿيون، تن جو چترڻ ٿئي ۽ سنڌي جيون جو سمپورڻ درشن ملي.

'اَمان' (آرتي جادواڻي) جنهن کي ماءُ وٽان جيڪو پينگهو ڏاجي ۾ مليو هئو، تنهن کي ڪنهن بہ قيمت تي ورهاڱي وقت وڪڻڻ يا ڇڏي اچڻ جي وات ئي نٿي نهاري، مڙس جي ڌمڪائڻ تي بہ چوي ٿي: مان ان کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلنديس... ڀارت ۾ اَچڻ ڪانپوءِ تہ جڳهہ جي تنگيءَ ڪري هرڪو پيو ٺوڪيس ۽ وڏي رقم وٺي ڏيڻ جي لالچ ڏئيس. پر اَمان پنهنجي اَباڻي ورثي کي ڪنهن بہ

امان جو پينگهو

درشيہ پهريون

(شام جو وقت، اڱڻ جو نظارو، اسٽيج جي ساڄي پاسي ڪنڊ ۾
نگهو رکيو آهي ۽ ڪابي پاسي هڪ آرام ڪرسي جنهن تي شيوڪ
تاب وينو پڙهي. اسٽيج جي پنيان اڇو پردو جنهن تي سج لهڻ
و effect. پردي پنيان بنسريءَ جي ڌن)

پردي ڪلڻ تي پينگهي جي چين... چين... جو آواز ۽ اندران
مري مان اڱڻ ۾ پدمٽي داخل ٿئي ٿي)

دمٽي : هاڻي بڌو ٿا! صبح جو اخبار، ڏينهن جو آفيس ۽ شام جو ناول.
ون سان ڳالهائڻ جي آهي توهان وٽ فرصت؟

يوڪ : ها ها چئہ.

دمٽي : هيترا دفعا چيو ٿيمانوَ تہ هي ڳوناٽو پينگهو اجايو جاءِ والاري وينو آهي. سريش پئي چيو تہ هن جا ٥٠ هزار ملن ٿا، پوءِ هنڪي وڪٽي چونہ ٿا وراندي لاءِ ماڊرن صوفا ۽ آرام ڪرسيون آڻيو.

يوڪ : (عجب ۾) هان!

دمٽي : ... ها ... ائين ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي نہ وهو، اُٿو، اُٿي ڪو ٻوٽو ٻاريو (شيوڪ هڪدم اُٿي بهي ٿو)

يوڪ : پر ٻہ، مان ڪهڙو ٻوٽو ٻاريان؟ تون آهين جو گهر ٻاري پئي ٿي ڏياري ڪرين..

دمٽي : ڇا چيو؟ مان، گهر ٻاري پئي ڏياري ڪريان؟ (ناراضپي سان) اجايو منهنجو وات نہ پٽايو، اها مان ئي آهيان جو ڪفايت سان خرچ ڪري پئي تي مُنهن ڏيان. اتي ڪا بي هجيوَ ها تہ خبر پويوَ ها تہ گهٽي ويهين سؤ ٿيندو آهي.

يوڪ : هاڻ بس بہ ڪر بابا، مان تہ اڇي ٻن ٻاهين ۾ ڦاٿو آهيان. هڪ پاسي تون ۽ ٻئي پاسي اَمان، وچان تہ وچان تہ ڪيڏانهن.

دمٽي : (هٽ ڪان ڇڪي) هيڏانهن!

يوڪ : ها... ها... منهنجي مِني... ايترو ناراض نہ ٿيءُ. تنهنجي هر ڳالهہ مڃيندس تہ هرڪو چوندو، 'جوءِ جو مڄو'

پاتر

شيوڪ	: پهلاج ۽ اَمان جو پٽ، عمر ۵۵ سال
پدمڻي	: شيوڪ جي زال، عمر ۵۰ سال.
مهيش	: شيوڪ ۽ پدمڻيءَ جو پٽ، عمر ۲۰ سال
دوست ۱	: مهيش جو دوست، عمر ۲۰ سال
دوست ۲	: مهيش جو دوست، عمر ۲۰ سال
اَمان	: پهلاج جي زال، شيوڪ- ماءُ. عمر ۷۰ سال
آفيسر ۱	: آرڪيالاجيڪل کاتي جو عملدار، عمر ۴۰ سال
آفيسر ۲	: آرڪيالاجيڪل کاتي جو عملدار، عمر ۴۵ سال
پنڪي	: اَمان جي ڏرم جي پوٽي، عمر ۱۰ سال
لاڏا ڳائيندڙ	: ۵ زالون، هرهڪ جي عمر اَٽڪل ۵۰ سال
ڪنوار پيءُ	: اَمان جو پيءُ، عمر ۵۰ سال
گهوٽ پيءُ	: پهلاج جو پيءُ، عمر ۵۰ سال
پهلاج	: اَمان جو گهوٽ، عمر ۷۵ سال
سنڌي ڀڳت	: عمر اَٽڪل ۴۰ سال
ٻولڙيو	: عمر اَٽڪل ۵۰ سال
لاڏو ڳائيندڙ زالون	: ڏمي، پشپا،درو، رتنا

امان : چٽ پُٽ چُٽ، شل وڏين ويجهين، وڏو پريو ٿين (ڇوڪرن ڏانهن نهاري) هي سڀ ڪير آهن؟

مهيش : هيءُ منهنجا دوست آهن، اَمان!

اَمان : مان تہ هنن کي پهريون دفعو پئي تي ڏسان. پُٽ توهين ڪٿي رهندا آهيو؟

دوست١ : اَمان، هن Macdonald واري بلڊنگ ۾.

اَمان : ڪهڙي بلڊنگ چيئہ؟

دوست ٢: Macdonald ! امان اتي جا Ham Burger ۽ Pizzas تمام Famous آهن.

اَمان : اَلائي ڇا پيا چئو ماريا - مونکي تہ ڪل پيئي اچي.

دوست ١: ڪل تہ اسانکي هن Old Fashoined پينگهي تي ٿي اچي.

دوست ٢: هن جهوني پراڻي پينگهي ۾ وهندو ڪير؟ هن کي ڪڏي ڇونہ ٿا ڇڏيو؟

اَمان : ڇا چيئہ؟ هڪ دفعو وري تہ چئہ.

مهيش : اَمان، هن جي چوڻ جو مطلب آهي تہ هي پينگهو Scrap ٿي ويو آهي، Get rid of it.

اَمان : پٽ! (دوست - ٢ ڏانهن نهاري) توکي ڏاڏي آهي؟

دوست ٢: ها آهي.

اَمان : ڏاڏو بہ اٿئي؟

دوست ٢: ها اهو بہ آهي.

اَمان : پُٽ اُهي جي جهور ٻڍا يا بيڪار ٿي وڃن تہ ڇا هنن کي بہ ڪڍي ڇڏيندين؟ يا پنهنجي جند آزاد ڪرڻ لاءِ هنن کي ٻڍا آشرم ۾ ڇڏي ايندين؟

مهيش : اڙي Come on يار Let's not spoil our fun ۽ Let's go (سڀ نڪري وڃن ٿا).

(اَمان آهستي آهستي پينگهي طرف وڃي ٿي)

اَمان : چون ڇا ٿا، وڪڻي ڇڏيو. اڙي توهانکي ڪهڙي خبر تہ هن پينگهي سان منهنجون ڪيتريون يادگيريون جُڙيل آهن (پينگهي کي ٿورو لوڏي ٿي - چين- چين جو آواز... پينگهي ۾ ويهي اُن ۽ سٽا ڪٽي ڪجهہ اُٿي پيئي)

پدمٽي : پل چون... لوڪ آهي ٻوڪ... وينو بڪي. توهان سياڻي ئي وڃي هن پينگهي جو سؤدو ڪري اچو.
(ٻاهران نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڪِل ڪِل جا آواز . مهيش ٻن ٽن دوستن سان اڱڻ ۾ اچي ٿو.
مهيش : هاءِ ممي! هاءِ ڊئڊ!
مهيش : ممي، سياڻي اسانجي ڪاليج جو annual فنڪشن آهي. اسانکي پنهنجي هڪ ڊانس جي ريهرسل ڪرڻي آهي. ڊئڊي! ممي! - توهان Please هينئر ٿورو اندر وڃو.
پدمٽي : (گهوٽ ڏانهن) هلو هلو هاڻي اندر هلو. (شيوڪ کي وٺي وڃي ٿي.)
(مهيش هڪ ڪئسيٽ، پليئر ۾ وجهي ٿو)
مهيش : Come on folks ,let's take off ون، ٽو... ٿري... فور
(موسيقي شروع ٿئي ٿي، جنهن تي سڀ مغربي ناچ ڪن ٿا. ناچ ڪندي ڪندي آخر ۾ مهيش وڃي ٿو پينگهي سان ٽڪرائي ۽ ڪري ٿو پوي)
مهيش : آ... آ...
دوست ۱ : مهيش ڇا ٿيو؟
مهيش : (اُٿي ڪري) بس بس... ڪجهه خاص ڪونهي... بس هن پينگهي تہ اصل پريشان ڪري ڇڏيو آهي.
دوست ۱ : هي Old fashioned جهولو ڇا لاءِ رکيو اٿوَ.
مهيش : منهنجي Grand ma جو يار اصل هن ۾ ساهہ اٽڪيل آهي.
دوست۲ : هنکي وڪڻي ڇونہ ٿا ڇڏيو؟
مهيش : Grand ma وڪڻڻ بہ تہ ڏئي نہ! ڪالهہ اجان Old Furniture جي dealer کي گهرايو هوم... هو هن پينگهي لاءِ ۵۰ هزار ڏيڻ لاءِ تيار هئو.
دوست ۲ : (عجب ۾) ۵۰ هزار! Are you Crazy ? What are you talking
دوست ۱ : مان تہ جيڪر هن پينگهي جا ۵۰۰ روپيا بہ نہ ڏيان.
(امان پنهنجي ڪمري مان اندر اچي ٿي)
امان : بند ٿيو توهانجو نچڻ ٽپڻ؟
مهيش : (امان کي پيرين پوندي) امان پاءِ لاڳون...

جي پنيان پيا آهيو. پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏ ڪنوار!
منهنجي جيئري تہ اهو مان ٿيڻ نہ ڏينديس.

پدمڻي : توبه، اصل ڳالهہ ڪئي ناهي ۽ ڦاٽي ناهيان.

(پس پردي هڪ گيت جون چند مصرعون ٻڌجڻ ۾ اَچن ٿيون)

ڪيڏو پيارو اَمان جو پينگهو

ڪيڏو نيارو اَمان جو پينگهو.

(رنگ منچ تي ڏيري ڏيري اوندهہ ٿئي ٿي)

(پدمڻيءَ جو اچڻ)

پدمڻي : اَمي، ڇا پيا اُڻيو؟

اَمان : شيوڪ ڪان ڪالھ اُن گھرائي هئم، ان مان ننڍڙا جوراب پئي اُڻان.

پدمڻي : ايڏڙا پتڪڙا جوراب ڪنهن لاءِ؟

اَمان : پنهنجي گھر ۾ جيڪو نئون ٻار ايندو، ان لاءِ.

پدمڻي : اَمي! اڃا تہ مهيش جي شادي بہ ڪانہ ٿي آهي.

اَمان : تون ڪڙي تپاءِ، تہ ڏس ڪئن ٿي هن کي مُنڪ پارايان. سنڌ ۾ هنن جيڏن ڏڳهن جي شادي تہ ٿي ويندي هئي پر ڪين ہ چار ٻار بہ ٿي ويندا هئا.

پدمڻي : سنڌ ۾ جڳهين جي ڪوٽ ڪانہ هوندي هئي اَمي! هتي تہ جوءِ کان پهرين جاءِ کپي ۽ هتي؟ هن گھر جي اَڌ جاءِ تہ توهانجو پينگھو والاري وينو آهي.

اَمان : ڦري گھري اَچيو پئين هن پينگھي تي.

پدمڻي : جي چوان ٿي سچ تہ توهانکي خار ٿا لڳن.

اَمان : ڳالھہ ئي اهڙي ٿي ڪرين ڪنوار جو اصل اندر ۾ وڍ ٿا پون.

پدمڻي : مهيش پئي چيو تہ اگر اهو پينگھو جهوني فرنيچر واري کي وڪڻبو تہ ۵۰ هزار واہ جو ملندا.

اَمان : انهن ۵۰ هزارن مان ڇا محل نهندا؟

پدمڻي : محل نہ سهي پر سهڻو صوفا سيٽ تہ وٺي سگھبو.

اَمان : ڇا هي پينگھو صوفا سيٽ کان گھٽ آهي. وهڻ جو وهڻ، لڏڻ جو لڏڻ. سمهڻ لاءَ تہ جهڙي راجائي سيج.

پدمڻي : پر اجوڪي ماڊرن زماني ۾ اهي ڳوناٽا پينگھا تہ اَصل سونهن ئي نٿا.

اَمان : سياڻي چونديءَ تہ مان پُراڻي بہ توهانجي وچ ۾ نٿي سونهان.

پدمڻي : منهنجي چوڻ جو اهو مطلب ٿوروئي آهي؟

اَمان : تہ ڇا چوڻ کي اڃا سڱ ٿيندا آهن، ڪنوار؟ اندر هال ۾ پينگھو پيو هئو تہ روز روز توهانجي ڪل ڪل گھپي لڳي ئي پيئي هئي! هاڻي هال مان اڳڻ ۾ آڻڻ ڪانپوءِ بہ توهانجي ساڱي ڪٽ پٽ! لڳي ٿو توهان هٿ ڌوئي پينگھي

فيسر ۱ : ان مان ڪوبہ فائدو ڪونهي. اسان اهڙا گهڻائي ڪيس Handle ڪيا آهن. اهڙن مسئلن جو واسطو دل جي جذباتن سان جڙيل هوندو آهي.

فيسر ۲ : پوءِ بہ وري توهان پنهنجي ماءُ سان ڳالهائي ڏسو، جي ڪجهہ مُڙڻ جهڙي لڳي تہ اسانکي ڪٿي فون ڪجو.

(امان اچانڪ ڪمري مان ٻاهر اچي ٿي ۽ هننجون ڪجهہ ڳالهيون ٻڌي ٿي. شيوڪ ۽ آفيسر ٻاهر هليا وڃن ٿا. امان پينگهي ڏانهن نهاري ٿي. اُداس لڳي ٿي...) (Sad music)

امان : (پينگهي طرف نهاري) چوڙي، ماٺهو تنهنجي پنيان ڇو اچي پيا آهن؟ تو هنن جو ڇا بگاڙيو آهي؟ ڪٿي بہ توکي ساهہ پٽڻ نٿا ڏين! اچا گهڻو وقت هنن جا طعانا تنکا ٻڌندين. هيءَ مان آهيان جو تنهنجو ڇت بڻجي بيني آهيان. هاڻي حياتي باقي الائي ڪيتري! ڪڏ اهو موه مون مان. نہ تہ اجايو خراب خوار ٿيندين. هاڻي ڇڏ منهنجي جند... (دل ڀرجي اچيس ٿي ۽ واپس ڪمري ۾ وڃي ٿي. پنيان پينگهي جي چين چين جو آواز)

(پس پردي گيت جون چند مصرعون ٻڌجڻ ۾ اَچن ٿيون.)

ڪيڏو پيارو اَمان جو پينگهو
ڪيڏو نيارو اَمان جو پينگهو.
ڪيئي سيارا، ڪيئي اونهارا،
ڪلندي ڪڏندي ڪيا گذارا !
جنهن ۾ گذري ويئي جواني!
ڪيڏو پيارو اَمان جو پينگهو
ڪيڏو نيارو اَمان جو پينگهو.

(رنگ منچ تي ڏيري ڏيري اوندهہ ٿئي ٿي)

درشيہ پيون

(پردو کلڻ تي صبح جو نظارو - ٻاهران شيوڪ
ٻن آفيسرن سان داخل ٿئي ٿو ۽ ٽيئي اچي
پينگهي جي پاسي ۾ بهن ٿا.)

آفيسر ١ : واقعي هيءُ پينگهو بلڪل لاثاني آهي.

آفيسر ٢ : It is lovely antique piece

آفيسر١ :توهان بہ ڪمال جا ماڻهو آهيو... هيءَ تہ اصل سونا اندا ڏيڻ واري مرغي آهي.

آفيسر ٢ : ڏهہ سال اڳ جي اهو وڪڻو تہ اڄ توهانجي رقم چئوٽي تي وڃي ها.

آفيسر ١ : چئوٽي چو، انوٽي بہ ٿي وڃي ها.

شيوڪ : سائين جيڪو ٿيو سو ٿيو. هاڻي ڪو رستو ڪڍو.

آفيسر١ : اچا بہ وقت هٿن مان ويو ڪونهي.

آفيسر ٢ : هينئر بہ چاهيو تہ هيءُ پينگهو وڪڻي توهان گهڻو ڪجهہ وصول ڪري سگهو ٿا.

شيوڪ : وري بہ ڪجهہ اندازو تہ لڳائي ٻڌايو تہ هيءُ پينگهو گهڻو لهي.

آفيسر ١ : گهٽ ۾ گهٽ ۴ لک تہ واهہ جا ملندوَ.

آفيسر ٢: ۽ جي بالا عملدارن جي مُٺ گرم ڪيوَ تہ شايد ڪجهہ وڌيڪ بہ ملي وڃيوَ.

شيوڪ : سائين چوندا آهن 'ڏنو پٽ چُڻي جو'. پر ڪجهہ idea تہ ڏيو تہ ڪيتري مُٺ گرم ڪرڻي پوندي.

آفيسر ١: اهو توهانکي اسين پنهنجي وڏن آفيسرن کان پڇي ٻڌائي ويندا سين.

شيوڪ : اهو تہ ٺيڪ آهي... پر ٻيلي مکيہ اڙچن آهي اَمان. سو ان کي مڃائڻ ۾ پورو زور لڳائڻو پوندو.

آفيسر ٢ : اهو ڪم توهانجو.

شيوڪ : پر... توهان ڪو رستو ٻڌايو.

آفيسر ١ : اهو توهانجو گهرو معاملو آهي - اسين ٽياسين ٽياڪڙ. وچ ۾ ڪئن پوندا سين؟

آفيسر ٢ : اهو رستو توهانکي ڳولهڻو پوندو چوتہ اهو جذباتي معاملو آهي.

شيوڪ : پر بہ ڪيس مڃائڻ لاءِ ڪوشش تہ ڪري سگهو ٿا.

پر گُلڙي ڏسجانءِ، سڀّي ڏاڏيءَ جا سڀ فرض پورا ڪنديسانءِ.

پنڪي : ڪهڙا فرض؟

اَمان : اَڃا تون ننڍڙي آهين، وڏي ٿيندينءِ نہ، تہ سڀ ٻڌائيندِيسانءَ.

پنڪي : نہ نہ هاڻي ئي ٻڌايو.

اَمان : اَجايو ضد نہ ڪر. تنهنجي سمجھہ اَڃا ڪچڙي آهي.

پنڪي : تہ چا ٿي پيو؟ نہ نہ هاڻي ئي ٻڌايو.

اَمان : (کلي) چڱو ٻڌ. تنهنجي جڏهن شادي ٿيندي نہ تڏهن توکي ڏاجي ۾ سڀ ڪجھہ ڏينديس.

پنڪي : اَمان ڏاجو چا ٿيندو آهي؟

اَمان : ڏاجو معنيٰ شاديءَ ۾ ڇوڪريءَ کي سندس گھر وارا ڳھہ ڳنا، ڪپڙا لٽا، مطلب تہ سڀ ڪجھہ ناهي ڏيندا آهن.

پنڪي : توهان بہ مون کي سڀ ڪجھہ ڏيندا.

اَمان : ها جيئري آهيان تہ سڀ ڪجھہ ڏيندي سانءِ. پر هي پينگهو ڪانہ ڏينديسانءِ.

پنڪي : ڇو اَمان؟

اَمان : ڇاڪاڻ تہ هن پينگهي ۾ منهنجو ساهہ اَٽڪيل آهي. اَڄ تہ هڪڙي آکاڻي ٿي ٻڌايانءِ.

پنڪي : ها ها ٻڌايو.

اَمان : هڪڙو راڪاس هوندو هو. هُن جو ساهہ هڪ طوطي ۾ رکيل هو ۽ راڪاس اُن طوطي کي هڪ پڃري ۾ بند ڪري رکيو. راجڪمار کي جڏهن اِن ڳالهہ جي خبر پيئي تہ هُن وڃي پهرين اُهو پڃرو هٿ ڪيو، ۽ جيئن ئي هن، اُن طوطي جي ٽنگ موڙي تہ راڪاس جي ٽنگ کي بہ ايذاءُ آيو. ساڳيءَ طرح هن پينگهي کي بہ رھڙ ايندي آهي تہ منهنجي اندر ۾ چير پوندا آهن.

پنڪي : اَمان هيءُ پينگهو توهان ڪٿان آندو؟

اَمان: اِهو هڪ لنبو داستان آهي، پٽ! ڪنهن ٻئي ڏينهن ٻڌائيندِيسانءِ.

پنڪي : نہ نہ مونکي اَڄ ئي ٻڌڻو آهي.

اَمان : ڇو سُڀاڻي اِسڪول ڪونہ وڃڻو اَٿيئي؟

درشيہ ٽيون

(سنجها جو وقت، پردو کلڻ تي بانسري جو ميوزڪ. اَمان پنهنجي ڪمري مان اَڱڻ ۾ اچي ٿي. دروازي تي اچي ليئو پائي ڏسي ٿي ۽ تلسيءَ وٽ اچي بہ اگربتيون ٻاري ٿي. اَمان هڪ دفعو وري اَچي دروازي ڏانهن نهاري ٿي. هن کي پنڪي جي اَچڻ جو اِنتظار آهي. پنڪي اوچتو ٻاهران نينگہ ٽپا ڏيندي اَڱڻ ۾ داخل ٿئي ٿي)

پنڪي : اَمان اَمان مان اَچي ويس.

اَمان : اَچي ويئينءَ گُلڙي! اِنتظار ڪرائي ٿڪائي ڇڏيئہ. ڇو؟ اَڄ اَچڻ ۾ دير ڇو ڪيئہ، گُلڙي؟

پنڪي : اَمان منهنجي ممي مون کي پڙهايو پئي. جيئن ئي منهنجي پڙهائي پوري ٿي مان توهان وٽ هلي آيس. هڪ منٽ، اَمان، توهان مونکي هميشه گلڙي گلڙي ڇو چوندا آهيو؟

اَمان : ڇاڪاڻ تہ تون اَجا ننڍڙي آهين ۽ ننڍڙي ڌيءَ کي گُلڙي چئبو آهي ۽ مون تہ توکي ننڍڙي هوندي کان پاليو آهي.

پنڪي : اَمان خبر اٿو، ڪلهہ منهنجيءَ ٽيچر مونکي اِنعام ڏنو آهي.

اَمان : هان اڄ اڄ هيڏاهن اَچ. (پينگهي طرف وٺي وڃيس ٿي ۽ ٻئي پينگهي تي وهن ٿيون)

اَمان : هاڻ ٻڌاءِ، ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري توکي اِنعام مليو آهي.

پنڪي : توهان جيڪا مون کي سنڌيءَ ۾ آکاڻي ٻڌائي هئي نہ، اُها مون پنهنجي سڄي ڪلاس کي ٻڌائي. اِنڪري ٽيچر مونکي سنڌيءَ ۾ آکاڻي ٻڌائڻ لاءِ اِنعام ڏنو.

اَمان : واهہ ڙي منهنجي گلڙي.

پنڪي : اَمان هاڻي مان سنڌي سٺي ڳالهائيندي آهيان نہ؟

اَمان : مونکان بہ وڌيڪ سُٺي سنڌي ڳالهائيندي آهين، پُٽ (کلي ٿي)

پنڪي : اَمان توهان چوندا آهيو نہ، تہ مان توهان جي پوٽي آهيان؟ تہ پوءِ توهان منهنجا ڪير ٿيا؟

اَمان : مان ٽيس تنهنجي ڏاڏي - سڳي ڏاڏي نہ پر ڌرم جي ڏاڏي.

ٿي ۽ ڳريوتي زال جي اَداڪاري ڪري ڳانو ڳائي)
ھڪزال: لوئر لوئر ڙي مائي، لوئر ڙي اَلا!
ڳھاري جي ماڇي
سيپ : جھينگو
زال : اَئي نٿو وٺي
سيپ : جھينگو...
زال : ڳھاري جي ماڇي
سيپ : جھينگو
(زال اوڪارا ڏئي ٿي)
سيپ : اَئي ڇا ٿيو؟
زال : اَئي پھريون مھنو!
سيپ : جھينگو
زال : ڳھاري جي ماڇي
سيپ : جھينگو
زال : اَئي پاپليٽ کاوان
سيپ : جھينگو
زال : اَئي پلو کاوان
سيپ : جھينگو
زال : اَئي ٻيون مھنو
سيپ : جھينگو
زال : مان ڪم نہ ڪنديس
سيپ : جھينگو
زال : ڳھاري جي ماڇي
سيپ : جھينگو
زال : اَئي ٽيون مھنو
سيپ : جھينگو
زال : اَئي ڪيمر کاوان
سيپ : جھينگو
زال : ڳھاري جي ماڇي
سيپ : جھينگو

پنڪي: مونکي سياڻي موڪل آهي.
اَمان : نيڪ آهي تہ ٻڌ. هي پينگهو منهنجي پيءُ مون کي ڏاجي ۾ ڏنو هو.
پنڪي: توهان جي پيءُ هي پينگهو ڪٿان ورتو؟
اَمان : ورتو نہ پر منهنجي ماءُ کي ڏاجي ۾ مليو هو.
پنڪي: هُن کي ڏاجي ۾ ڪنهن ڏنو؟
اَمان : منهنجي ماءُ جي ماءُ. اُها ڪير ٿي؟
پنڪي: ڏاڏي.
اَمان : ڏاڏي تہ پيءُ جي ماءُ کي چئبو آهي، ماءُ جي ماءُ کي ڇا چئبو آهي؟ ماءُ جي ماءُ کي چئبو آهي...
پنڪي: ناني.
اَمان : برابر. سو اِهو پينگهو آهي منهنجيءَ نانيءَ جو پر مونکي ڏاجي ۾ ڏنو منهنجي پيءُ. ياد آهن مونکي اُهي ڏينهن ڪيئن منهنجي شادي ٿي هئي، اُهي دهلن ۽ لاڏن جا آواز... (Flash Back Starts)

(دهلن جا آواز بڌڻ ۾ اچن ٿا، اِسٽيج جي هڪ طرف کان زالون دُهل وڄائينديون اَندر اَچي اِسٽيج جي وچ تي وهن ٿيون ۽ لاڏو ڳائن ٿيون.)

رک صندليءَ تي پير، منهنجا مور لاڏا!
چپ چور، مُڇ موڙ، منهنجا مور لاڏا!
رک صندليءَ تي پير.

١- ڇا تنهنجي مٿان پيٽ مٿي گهور وڃي پئي ڇا شڪل سندس آهہ، جا شيشا ٿي ٻاڇي پئي.
ڪاجهہ گهور، ٻُنڌي ڇوڙ، منهنجا مور لاڏا!
چپ چور، مُڇ موڙ، منهنجا مور لاڏا!

٢- نانو تو وجهي ڇپاڇ، جهمر ناني هٽي پئي ڪاڪو ڪري واڪو تو ڇوي ڪاڪي وٽي پئي مستيءَ ۾ سپ پوڙ مننجا مور لاڏا
چپ چور، مُڇ موڙ، منهنجا مور لاڏا.

(لاڏي پوري ٿيڻ تي، هڪ زال ساجي پاسي کان داخل ٿئي

زال : بادام کاوان
سيپ : جهينگو
زال : اَئي نائون مهنو
سيپ : جهينگو
زال : مان ڦاٽي آهيان
سيپ : جهينگو
زال : سهاڳڻيون اَچو
سيپ : جهينگو
زال : اَئي تيل لڳايو
سيپ : جهينگو
زال : اَئي سوُر پون
سيپ : جهينگو
زال : دائي ڳُهرايو
سيپ : جهينگو
زال : اَئي ڳيهہ پيئاريو
سيپ : جهينگو
زال : اَئي دائي آئي
سيپ : جهينگو
زال : اَئي اوئان اوئان
سيپ : جهينگو
زال : اَئي پٽڙو ڄائو
سيپ : جهينگو
سيپ : واڌايون هجن
واڌايون هجن
واڌايون واڌيون واڌايون هجن
(سيپ کلن ٿيون)

(جيئن ئي ڳانو پورو ٿئي ٿو، زالون دهل وڄائينديون اِسٽيج تان ٻاهر نڪري وڃن ٿيون. Back Ground ۾ شهنائي جي ڌُن شروع ٿئي ٿي. اَسٽيج تي شادي جو ماحول، مردن ۽ زالن جي پچ ڊُڪ، سپيئي ڏاجي جو سامان هٿان ڪٽي، پينگهي کي سينگاري، اَچي اسٽيج جي وچ تي رکن ٿا، موڙن تي وهن ٿا.)

زال : اَئي چوٿون مهنو
سپ : جهينگو
زال : ڍلا ڪپڙا پايان
سپ : جهينگو
زال : ڀنيور ماڃي
سپ : جهينگو
زال : گهاري جي ماڃي
سپ : جهينگو
زال : اَئي پنڄون مهنو
سپ : جهينگو
زال : اَئي دوٽر ڪاوان
سپ : جهينگو
زال : اَئي سنڌ جي ماڃي
سپ : جهينگو
زال : گهاري جي ماڃي
سپ : جهينگو
زال: اَئي ڇهون مهنو
سپ: جهينگو
زال : سُٺي دائي آٽيو
سپ : جهينگو
زال : گهاري جي ماڃي
سپ : جهينگو
زال : اَئي ستون مهنو
سپ : جهينگو
زال : لتون پيو هٽي
سپ : جهينگو
زال : گهاري جي ماڃي
سپ : جهينگو
زال : اَئي اَٺون مهنو
سپ : جهينگو

ڪنوار پيءُ : اهي ڳهه ڳنا وغيره سندس سرڳواسڻ ماءُ جا آهن، جن تي صرف نياڻيءَ جو ئي حق آهي. اها سڪ ۽ پيار جي ڦُلن مُٺ سمجهي سويڪار ڪريو.

گهوٽ پيءُ : سائين هونئن تہ مان ڏيتيءَ ليتيءَ جي خلاف آهيان پر توهانجي سڪ ۽ پيار ڏسي نہ بہ نٿو ڪري سگهان، پر ٻيلي هي پينگهو اصل ڪونہ وٺندوسانوَ.

ڪنوار پيءُ : پر ادل اهو پينگهو منهنجيءَ گهر واريءَ کي ڏاجي ۾ مليو هو ۽ هاڻ اهو...

گهوٽ پيءُ : (وچ۾ ڪٽيندي) ڏيءُ کي ڏاجي ۾ ڏيڻو آهي. ها، نہ؟ پر اِهو ضروري تہ ڪونهي.

ڪنوار پيءُ : منهنجي گهر واريءَ جي اها آخرين تمنا هئي تہ اهو پينگهو سندس سڪيلڌي ڌيءُ کي ڏاجي ۾ ورثي جي روپ ۾ ڏنو وڃي.

گهوٽ پيءُ : توهان تہ اصل مونکي لاجواب ڪري ڇڏيو آهي.

ڪنوار پيءُ : ڇا ڪريان... سرڳواسڻ جي اِڇا اڳيان مجبور آهيان.

گهوٽ پيءُ : پر بہ ...

ڪنوار پيءُ : مون تي اهو هڪ ننڍڙو احسان ڪريو... توهانجا لک تورا ٿيندا... بس ديا پالي هي پيار جو پينگهو سويڪار ڪريو.

گهوٽ پيءُ : جي سيٺ سويڪار ڪندو ويندس تہ پوءِ منهنجي انڪار کي ڪا معنيٰ ئي ڪانہ رهندي.

ڪنوار پيءُ : انڪار ڪجو ضرور ڪجو- پر انڪار ڪرڻ کان صاف انڪار ڪجو.

(ٻئي کلن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائين ٿا... گهوٽ ڪنوار ۽ ڪجهہ مٽ مائٽ زالون ۽ ڇوڪريون کلنديون وراڻدي ۾ اچن ٿيون)

وداعيءَ جو گيت شروع ٿئي ٿو:-

مٽن مائٽن ۽ سکين کي ڇڏي
نئون گهر وڃي شاد تون ڪر، مٽي!
نہ توکي لڳي واءُ ڪوسو ڪڏهن،
هجين شل سکي ساهري گهر، مٽي!

درشيہ چوٿون

(وراندي ۾ ڪي ڇوڪرا ۽ مرد ٻہ ڪرسيون آٿي وچ تي ٿا رکن ۽ گهوٽ پيءُ ڪنوار پيءُ گڏ اچي اُنهن ڪرسين تي وهن ٿا. پينگهي تي سمورو ڏاجي جو سامان سجائي رکيو ويو آهي)

ڪنوار پيءُ : چوندا آهن 'ڏسي سيڻ ٺرن نيڻ'. بس ادا نياڻي هاڻي توهان جي ٿي.

گهوٽ پيءُ : سائين منهنجا، اصل چنتا ئي نہ ڪريو. پريوءَ اسانجي بہ ڌي. مون کي هوئڻ بہ ڀڳوان ڏيءُ ڪانہ ڏني آهي، انڪري اڄ اها بہ اِڇا پوري ٿي. توهانجي نياڻي اڄ کان اسانجي ڌيءُ آهي.

ڪنوار پيءُ : ٻي تہ ڪا چنتا ڪانہ اٿم. پر ماٹس ننڍي هوندي ئي گذاري ويئي. بس اسان ئي ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پاليو آهي.

گهوٽ پيءُ : مان توهانجو دک سمجهي سگهان ٿو. پر ڀائو توهان بي فڪر رهو. اڄ هيءَ پرائي جائي نہ، مان پنهنجي جائي سمجهي ڪيس سڪ ۽ پيار ڏيندس.

ڪنوار پيءُ : لک ٿورا سائين جا، اصل منهنجي دل تان وڏو بوج لاهي ڇڏيوَ.

گهوٽ پيءُ : اصل خيال نہ ڪريو. توهانجي نياڻي اسانجي گهر ۾ راڄ ڪندي، راڄ.

ڪنوار پيءُ: بس ادا جوڙي جُڙي رهي. بس دل ۾ آنند اچي ويو.

گهوٽ پيءُ : پر مونکي هڪ ڳالهہ تي ڏاڍو غصو آهي.

ڪنوار پيءُ : (ڇرڪي) سائين، ڇا اسان کان ڪا ڀُل ٿي ويئي آهي؟

گهوٽ پيءُ : ها، وڏي ڀُل ڪئي اٿو.

ڪنوار پيءُ : ڪهڙي، سائين؟

گهوٽ پيءُ : هي ڏاجو ڇو ڏنو اَٿو؟

ڪنوار پيءُ : سائين توهان تہ منهنجو ساهہ ئي سُڪائي ڇڏيو. هيءُ ڏاجو ڪونهي، بس ڦُلن مُٺ آهي، ٿورا گهڻا زيور ۽ ڪپڙا آهن.

گهوٽ پيءُ : اُهي بہ ڇو ڏنا اَٿوَ؟ ڇا اسان پنهنجي نُنهن لاءِ ڳهہ ڳِنا، ڪپڙا مٽيا ڪونہ ٺاهيا آهن؟

(رنگ منچ تي ڏيري ڏيري روشني اَچي ٿي. گهوٽ
ڪنوار پينگهي ۾ ويٺا آهن- ڪنوار جو گهونگهٽ لڇا لٿو ڪونهي.)

گهوٽ : مٺي! سهاڳ رات گهڻن ئي ملهائي آهي، پر هھڙي دلڪش پينگهي ۾ سهاڳ رات ماڻڻ وارا شايد اسان پهريان شخص آهيون.

ڪنوار : پهريان نہ، پيان! منهنجيءَ ماءُ بہ سهاڳ رات ان پينگهي ۾ ئي ماڻي هئي.

گهوٽ : اڇا! پلا اهو ڏيئو فٽو گهونگهٽ ڪڏهن لاهيندينءَ؟ ذرا پنهنجو موهيندڙ مکڙو تہ ڏيکار، مٺڙي!

ڪنوار : اتاولا ڇو ٿيو ٿا ايڏا، رات اڃا ڪجھہ باقي آ

(گهوٽ راجا گهونگهٽ هٽائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ڪنوار سندس هٿ پري ڪري ٿي)

ڇڏيو ڇڏيو، هئن ستايو ڇو ٿا. رات اڃا ڪجھہ باقي آ.
مٺين مٺين ڳالهين مان اوهانجي اڃا تہ دل آ ڪانہ پري،
صبر ڪريو ڪجھہ منهنجا راجا. رات اڃا ڪجھہ باقي آ

گهوٽ : اها کھڙي ڪويءَ جي ڪويتا آهي، راڻي!

ڪنوار : دل مان نڪتل سڪ ڀڙل شبد ڪويتا ئي تہ هوندا آهن.

گهوٽ : اڇا؟ ڏاڍيون پياريون پياريون ڳالهيون پيئي ڪرين. اهڙو منو منو ڳالهائڻ ڪنهنکان سکينءَ؟

ڪنوار : پنهنجيءَ ماءُ کان.

گهوٽ : اوه! اها ماءُ وري سهاڳ رات ۾ ڪٿان اچي ٽپڪي؟

ڪنوار : مان تہ پنهنجي امڙ جو هڪ حصو آهيان. هوءَ ڀلي هن سنسار ۾ ناهي، پر مونکي ائين لڳندو آهي تہ هوءَ هميشھہ مونسان ساڻ آهي.

گهوٽ : سهاڳ رات تہ گهٽ ۾ گهٽ توکي اڪيلو ڇڏي. مان چاهيان ٿو تہ اجوڪي رات رڳو تون هجين ۽ مان هجان.

ڪنوار : ۽ هو چنڊ جو دريءَ مان لياڪا پيو پائي.

گهوٽ : انجو بندوبست ڪريان ٿو. (دري بند ڪري ٿو) اجوڪي رات ڪنهن بہ ٽيڪڙ جي ضرورت ناهي.

١- سکن جي هندوري ۾ لڏندي رهين
کڏهن زندگيءَ ۾ نہ سختيون سهين
سدا گهور تو تان وڃئي ور، مٺي!
هلجين شل سکي ساهري گهر، مٺي!

٢- چڙي وچ تون دک درد پيڪن جي در،
سکن جو ڪٽي ڏاج وچ، گهوٽ- گهر،
گذارين تون خوش زندگيءَ- ير، مِٺي!
هلجين شل سکي ساهري گهر، مٺي!

٣- ٿئي ڏيءُ ٿي ڏن پرائو، سدا،
پرائو نہ پنهنجو ٿئي تو، اَلا!
تون روئي نہ خود کي دکي ڪر، مٺي!
هلجين شل سکي ساهري گهر، مٺي!

(رنگ منچ تي ڏيري ڏيري اوندهہ ٿئي ٿي)

درشيہ ڇهون

(رنگ منچ تي روشني - پينگهي ۾ ننڍو ٻالڪ شيوڪ ليٽيو پيو آهي ۽ اوئان- اوئان... پيو ڪري. پهلاج اندر اچي ٿو. شيوڪ کي هنج ۾ کڻي ٿو پر هن جو روئڻ بند نٿو ٿئي. هو شيوڪ ماءُ کي سڏي ٿو.)

پهلاج : ٻڌين ٿين!... الائي ڪٿي وڃين ٿي غرق ٿين... او صدروري! مون چيو ٻڌين ٿين!

امان : (اندران ئي) ٻڌان پئي ٻڌان، ٻوڙي ڪانہ آهيان.

پهلاج : تہ پوءِ هن شيوڪ جي اوئان... اوئان... ٻڌڻ نٿي اچيئي؟

امان : (اندران ئي) ٻڌڻ ڇونہ ٿي اچي، پر هٿ هاج ۾ آهي، ڪم ڪان واندي ٿيان تہ اچان نہ.

پهلاج : ٻڌين ٿي! هيءُ تہ اصل ائين ٿو ٻوڪ ڦاڙي جڻ ڪنهن ڦريو اٿس. ڪاڪڙو ڪنهنڪان ڪٽايو هيہءِ؟

امان : (اندران اچي ٿي) پاسي واري ڏميءَ ڪان (شيوڪ طرف) اچان ٿي اچان منهنجا لال... گهوري وڃانس.

پهلاج : ڪٿي بک ٻک تہ ڪانہ لڳي اٿس؟

امان : بک وري ڇاجي، اڃان هاڻي تہ پيٽ ڪارايو ٿي مانس.

(شيوڪ کي هنج ۾ کڻي ٿي هو هڪدم چپ ٿي وڃي ٿو.) ڏٺوَ ماءُ جي هنج جي بک هئس.

پهلاج : شڪر آهي، پيءُ جي هنج جي بک نہ اٿس، نہ تہ تہ سڄو ڏينهن هتي ويهي هنجي آرتي اُتارڻي پوي ها.

امان : توهان هاڻي وڃو پنهنجي دڪان تي، هنکي شايد ننڊ لڳي آهي.

پهلاج : پوءِ تہ لولي ٻڌڻ ڪانسواءِ ڪونہ سمهندو، مان هلان ٿو.

امان : هلن توهانجا ڪپڙا، توهان ڇو هلو.

پهلاج : ڊپ اٿم، ڪٿي تنهنجي لولي ٻڌي، مونکي بہ نہ ننڊ اچي وڃي، پوءِ دڪان تي ڪير ويندو؟

اَمان : هٽوا! ڇڏيو اها کيچل بازي.

پهلاج : ٺيڪ آهي ٺيڪ ، هٽان ٿو، هاڻي اهو شيوڪڙو جو جائو اٿئي. پوءِ اسان کهڙي ليکي ۾ آهيون؟

ڪنوار : پر اجا ٿياڪڙ حاضر آهي.
گهوٽ : ڪير آهي؟
ڪنوار : امان جو پينگهو.
گهوٽ : وري امان جو پينگهو! اهو ته بي جان آهي.
ڪنوار : توهانکي ائين لڳي ٿو پر آهي ڪونه، ڇو ته ان ۾ منهنجي ماءُ جي آتما سمايل آهي. منهنجي ماءُ جي ممتا، ان جي ٺڪر ٺڪر تي اُڪريل آهي. ان جي گهنٽين مان سندس لولين جا پڙاڏا پيا ايندا آهن.
گهوٽ : مونکي ته ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿا اچن، ۽ مان ٻوڙو به ناهيان.
ڪنوار : پلي ٻوڙا ناهيو، پر انهن پڙاڏن کي ٻڌڻ لاءِ اندر جا ڪن گهرجن.
گهوٽ : اندر جا ڪن؟ اڄ تي خبر پوي ته هڪڙا ٻاهريان ڪن ٿيندا آهن ۽ ٻيا اندريان ڪن.
ڪنوار : ائين جئن ڪن کي اندريون اکيون به ٿينديون آهن.
گهوٽ : ۽ اهي مونکي به آهن، پاڳن پري!
ڪنوار : پوءِ ڇو ٿا گهونگهٽ لاهڻ لاءِ چئو؟
گهوٽ : ٿورو ٻاهرين اکين کي به رس وٺائڻ ٿو چاهيان. ويچاريون تنهنجي سندرتا جو امرت پيئڻ لاءِ پياسيون آهن.
(ڪنوار جي گهونگهٽ هٽائڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿو...
ڪنوار پٺي ٿي. پس پردي گيت جا ٻه بند ٻڌجڻ ۾ اَچن ٿا:

سرڳ ۾ جوڙيل دائم رشتا
پلئه پليءَ سان ٿين ٿا پختا
اَهڙن رشتن تي پڳوان به خود هوندو حيران!
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان!
هيءُ شاديءَ جا پوتر ٻنڌن،
نازڪ ريشم وانگر ترڪن!
ذريءَ ذريءَ تي ناتا ٽوڙي، ڇا جي لاءِ نادان؟
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان!

(رنگ منچ تي ڏيري ڏيري اوندهه ٿئي ٿي)

جو آواز) اڙي...
ويلڻ ڪونہ وٽيءِ چا؟... الي الي... ڳھوري وڇان، مان تي پنھنجي شيوڪڙي کي ويلڻ ڪائڻ ڏيان. ھاڻي شيوڪڙي کي ننڊڙي ڪپي؟
(شيوڪ کي پينگھي ۾ ليٽائي پينگھو لوڏائي ٿي ۽ لولي ڳائڻ لڳي ٿي.)

لولي ڏيان پنھنجي لال کي،
لولي ڏيان پنھنجي لال کي
منھنجا جيءَ جيئارا سمھہ
منھنجي من جا سھارا سمھہ
لولي ڏيان پنھنجي لال کي!

١- ھٽڙا ننيڙا، ڪومل ڪومل
وار نرم چڻ ريشم ريشم
اکڙيون ننيڙيون سھڻيون پياريون
پير پتڪڙا پشم پشم
لولي ڏيان پنھنجي لال کي...

٢- منڙا گود ۾ توکي پائي
منھنجي ٿڄ پيي ٿن ٿي آھي،
تنھنجي ماتا ٻڌڄڻ جو سک
سرڳ جي سک کان پيي گھٽ ناھي
لولي ڏيان پنھنجي لال کي...

٣- پير پير ۾ پائي ايندي
سھٽي سڀاجھي ننڊ جي راڻي
ڇُمي چمي تنھنجن پلڪن کي
توکي سُمھاري ويندي سياڻي.
لولي ڏيان پنھنجي لال کي...
(لولي پوري ٿيندي ئي ڳھوٽ پيءُ داخل ٿئي ٿو.)
ڳھوٽ پيءُ: (اَندر ايندي) ڪنوار ! او ڪنوارا!

امان : اهو ڇا ٿا چئو، توهان آهيو تڏهن ته شيوڪ آهي نه هاڻي جلدي ڪريو، ڪٿي دڪان تي دير نه ٿي وڃيوَ.

پهلاج : ۽ ماڻهو نه چون ته شادي نئينءَ مان رڳو مون ئي ڪئي آهي، اصل جوءِ جي پلئه ۾ ٻڌو پيو آهيان.

امان : هاڻي گهڻو ٿيو گهڻو، اُهي جوءِ جا مڃو ئي ٻيا. هاڻي وڃو پيي، ڪٿي سڄ پڄ نه ڪوئي طعنو هڻيوَ.

پهلاج : وڃان ٿو، وڃان ٿو... پر منجهند جي ماني کائڻ گهر ضرور ايندس.

امان : مهرباني! ڪا ضرورت ڪانهي. توهانجي ماني ڪڪي هٿان ڏياري موڪليندس. بابا ڇا سوچيندا؟

پهلاج : اهوئي ته نئين ڪنوار نوَ ڏينهن، لٽي پٽي ڏهه ڏينهن.

امان : پر توهان کي شاديءَ ڪئي ڏهه ڏينهن نه ڏهه مهنا به ٿي ويا آهن. ڪجهه ته شرم ڪريو، ماڻهو ڇا چوندا؟

پهلاج : پيا چون، لوڪ آهي ٻوڪ، ڪنهنجي وات کي پٽي ٿوري ئي ٻڌي سگهبي؟

امان : ڪنهنکي ڪجهه چوڻ جو موقعو ئي ڇو ڏجي؟

پهلاج : ٺيڪ آهي ته پوءِ وڃان؟

امان : اڃا وڃڻ جو مهورت ڪڍائيندا؟

پهلاج : چوندا آهن نه ته سنو چوگهڙيو ڏسي دڪان تي وڃڻ کپي.

امان : اڄ وڏي گيارس آهي، انڪري چوگهڙيو ڏسڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

پهلاج : ٺيڪ آهي، جيڪا تنهنجي مرضي، پر لولي ڳائڻ ته شروع ڪر.

امان : نه توهان وڃو ته پوءِ شروع ڪنديس.

پهلاج : چڱو چڱو آسرو نام جو.

(ٻالڪ شيوڪ جو روئڻ چالو ئي آهي.)

امان : واه ڙي منهنجا ٽنگڙومل، صحيح رڳ سڃاتي اٿئي پنهنجي پيءُ جي. پڙهين جو وس پڄي ته جيڪر سڄو ڏينهن پاسي ۾ وينو هجي؛ ڪم جي ته اون ئي ڪونه اٿس. سڄو ڏينهن سدوري... سدوري سدوري! (شيوڪ ڏي نهاري) تون پيءُ جهڙو نه ٿجانءِ... نه ته ته جوءِ ڏيکاريندءِ ويلڻ (روئڻ

درشيہ ستون

(رنگہ منچ تي جهڪي روشني، اُداسِي جو ماحول ورهاڱي جي خبر جي ڪامينٽري پنيان ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ ماڻهن کي لڏڻ جي وارننگہ ڏني وڃي ٿي ۽ هندن تي ظلمن جي باري ۾ چيو پيو وڃي ۽ ايتري ۾ پنيان پردي تي ورهاڱي جو نظارو فلمايل نظر اچي ٿو. ماڻهو ڪيئن گاڏين ۾ سٽيل آهن، ڪي سامونڊي جهاز ذريعي لڏين پيا. ماڻهو پنهنجا قيمتي زيور، هيرا موتي، لڪائي کڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. فلمايل نظارو پورو ٿيڻ تي رنگ منچ تي آهستي آهستي روشني
ڦهلجي ٿي. پهلاج ۽ اَمان پينگهي پرسان بيٺا آهن.)

پهلاج : ورهاڱي تہ اَصل ڦهر ڪري ڇڏيو آهي. اُهو وطن جتي اَسانجا اَبا ڏاڏا جاوا، نپنا، وڏيا ويجهيا، اُهو وطن هاڻ اَسانجو نہ رهيو آهي. لڳي ٿو هاڻ اَسان کي هتان لڏڻو پوندو، ٻيو ڪو چاروئي ڪونهي.

اَمان : هي پنهنجون جايون، پنهنجا ڏنڌا ڇڏي هندستان ۾ هلنداسين تہ اُتي اَسان کي مٿو ڍڪڻ لاءِ ڇت ملندي؟

پهلاج : چون ٿا، سرڪار ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندي نہ تہ بہ اَسان جا هڏ سلامت آهن. هٿي هنڌ ڪنداسين.

اَمان: اِهي ڏينهن بہ ڏسڻا هئا!

پهلاج : لکيو لوح قلم جو هرڪو ٿو لوڙي! سڀ ڪجهہ هتي ڇڏي، صرف ضروري سامان ساڻ کڻي هلڻو آهي. اِنڪري اِهو پينگهو اِتي ئي ڇڏي هلڻو پوندو.

اَمان : نہ، اَصل نہ. اِهو پينگهو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هتي ڇڏي ڪانہ وينديس. هن ۾ منهنجي جيجل جي آتما سمايل آهي. اُن کي مان پاڻ ڪان الڳہ ڪانہ ڪنديس.

پهلاج : پر تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اَسانکي ننڍڙي شيوڪ کي بہ سنڀالڻو آهي.

اَمان : شيوڪ کي توهان کڻجو ۽ مان هن پينگهي کي کڻنديس. ايتري سگهہ آهي، مون ۾.

پهلاج : پر هندستان ۾ اَلائي ڪيتري جاءِ ٿي ملي. اُتي اِهو پينگهو ڪٿي ماپائبو؟

اَمان : توهين چنتا نہ ڪريو، ڇڏيو مالڪ تي. دل وڏي آهي تہ سڀ ڪجهہ ماپجي ويندو.

اَمان : ڇو، بابا! ... هيءُ دڪان ڇو پيو پٽيو ٿو وڃي؟

گھوٽ پيءُ : ها پهلاج پهتو ته مان نڪري آيس، جو توسان هڪ ڳالهه ڪرڻي هئي.

اَمان : ڪهڙي؟

گھوٽ پيءُ : مون باس باسي هئي ته پهلاج کي پٽ ڄمندو ته هن گهر جي اَڱڻ ۾ پپٽ وجهائيندس. اَسان جي آس پوري ٿي آهي، اِنڪري جلدئي پپٽ وجهايون ته سٺو.

اَمان : جلدي ڇو، بابا؟

گھوٽ پيءُ : ڇو ته هندستان جو ورهاڱو ٿيڻو آهي. ۱۴ آگسٽ تي پاڪستان ٺهندو. سنڌ سموري پاڪستان جو حصو ٿيندي. هندن کي شايد پاڪستان مان لڏي، هندستان وڃڻو پوي.

اَمان : اِئين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

گھوٽ پيءُ : شل اِئين نه ٿئي. پر، اِئين ٿي سگهي ٿو. ڪجهه به چئي نٿو سگهجي ته اَڳتي ڇا ٿيندو. انڪري هتي ئي پپٽ وجهائي ڇڏيون ته بهتر.

اَمان : جيڪا اوهانجي مرضي.

گھوٽ پيءُ : نيڪ آهي مان اَڄ ئي پپٽ جو بندوبست ڪريان ٿو.

(ڏيري ڏيري رنگ منچ تي اوندهه ٿئي ٿي. ٿوري دير ڪانپوءِ وري رنگ منچ تي ڏيري ڏيري روشني ٿئي ٿي ته رنگ منچ تي هڪ پپٽ ۽ سندس ٻولڙيو بيٺل نظر اَچن ٿا. هو پپٽ وجهن ٿا. پپٽ پوري ٿيڻ تي، وري رنگ منچ تي ڏيري ڏيري اوندهه ڇانئجي وڃي ٿي.)

❊ ❊ ❊

اَنڪ پيون

پس پردي ڪمينٽري ٻڌڻ ۾ اَچي ٿي: مذهب جي بنياد تي ديش جو ورهاڱو ٿيو - پاڪستان ۽ هندستان. ڀارت مان جيڪي مسلمان پنهنجا اَباڻا پڪا ڇڏي، پاڪستان لڏي آيا، اُنهن مان گهڻا اَچي سنڌ ۾ ٽانئيڪا ٿيا. سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي هندن کي، پنهنجا اَباڻا اَجها ڇڏي، ڀارت وڃڻ جو قطعي خيال ڪونہ هئو. سنڌي هندو مذهبي ديوانگيءَ جا شڪار ٿيا، تڏهين لکين سنڌي سنڌ مان لڏي ڀارت آيا. اُنهنکي سرڪار، ڀارت جي الڳ الڳ پرانتن جي ڪئمپن ۾ رهايو ويو. پهلاج ۽ سندس گهر جي ڀاتين کي، ڪلياڻ ڪئمپ جي هڪ بئرڪ ۾ اَجهو مليو. پنهنجيءَ محنت سان، پهلاج پنهنجو ڪپڙي جو دڪان اُتي جمايو. شيوڪ وڏو ٿيو، اسڪول ۾ پڙهڻ لڳو، اسڪول پورو ڪري ممبئي ۾ جئہ هند ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. صبح جو ڪاليج پڙهندو هئو ۽ ڪاليج کانپوءِ Part time نوڪري ڪندو هئو. آخر، بي. اي. ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيو. اِئين ننڍڙو شيوڪ ويهن سالن جو ڀيرو جوان ٿي ويو ۽ سندس اَمان، زماني جي گردش ۾، عمر کان پهرين ئي ٻڍڙي ٿي ويئي.

❖ ❖ ❖

پهلاج: ٺيڪ آهي. جيڪا تنهنجي مرضي. تون ٻڌنديئن ڪانہ. ڊوئيجانءِ اهو پينگهو.
اَمان : ها ها مان پاڻ ئي ڊوئيندس.
(پس پردي گيت جون چند مصرعون ٻڌڻ ۾ اَچن ٿيون)

اُن سان جڙيل آ منهنجي جندڙي
پل پل ياد ڏياري سندڙي
اُن جي ڪريان ڪئن ساک زباني؟
ڪيڏو پيارو اَمان جو پينگهو
ڪيڏو نيارو اَمان جو پينگهو

(ٻئي جڻا اَندر وڃن ٿا. رنگ منچ تي جهڪي روشنيءَ پردي تي ڦرلٽ، خون ريزيءَ جا نظارا ڏسڻ ۾ اَچن ٿا. پس پردي ماسٽر چندر جو گيت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

وڃن ٿا ، وڃن ٿا، اُداسي وڃن ٿا
وڃن ٿا، وڃن ٿا، وطن کي ڇڏيندا.
ڇڏي ساڌ صوفي وڃن ٿا لڏيندا
اميدون سڀيئي وڃن ٿا پليندا
الله ڄاڻان ڪڏهين وري ميلا ٿيندا
وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا...
هاءِ هاءِ مٺا اباڻا
هاءِ هاءِ مٺا اَباڻا

ڇڏي قطب، بيدل ۽ بيڪس جا ديرا
ڇڏي شاھہ، سامي ۽ دلپت جا ديرا
درازن کان اَڄ دور ٿيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا.
هاءِ هاءِ پکا پراڻا...

ڇڏي پنهنجي سنڌو نديءَ جا ڪنارا
اباڻا اَجها ۽ ڇنا پيارا پيارا
پراڻن پکن کي پٽيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا...
(پردو ڪري ٿو)

اَنڪ پهريون پورو ٿيو.

اَمان : اُهائي تہ ٻڌڻ چاهيان ٿي.
پهلاج: پنهنجي شيوڪ کي سرڪار جي اِنڪم ٽئڪس کاتي ۾ پڪي نوڪري ملي آهي.
اَمان : واڌايون ھجنوَ.
پهلاج: اِجا ٽين خوشخبري ٻڌ.
اَمان : ڪهڙي؟
پهلاج : شيوڪ کي سرڪار طرفان رهائش لاءِ ممبئيءَ ۾ ئي جاءِ ملي آهي.
اَمان : سنو، ڏاڍو سنو. شل وڌندو ويجهندو رهي.
پهلاج: هاڻ جلد ممبئي هلڻ لاءِ تياريون ڪر. جيڪي جهونا پُراڻا سامان آهن، اُهي هتي ئي ڦٽا ڪري هلبو... پهرين پهرين اِهو پينگهو اِتي ئي ڪنهن کي دان ڪري هلبو.
اَمان : خبردار، جي اِن باري ۾ وري هڪ لفظ بہ چيو اَٿوَ. مان جتي بہ ويندس، اُتي اِهو پينگهو پاڻ سان گڏ کڻي ويندس. اُن سان منهنجي جندڙي اَڙيل آهي.
پهلاج: جيڪا تنهنجي مرضي.
اَمان : نئين جاءِ ۾، اِئين ڪيئن هلي رهبو؟ پهرين اُتي بهراٽو ڪرائيندا سين، پوءِ ئي رهڻ هلندا سين.
(ٻئي Freeze ٿين ٿا. پس پردي گيت جو اَنترو ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو)

اُن سان جڙيل آ منهنجي جندڙي
پل پل ياد ڏياري سندڙي
اُن جي ڪريان ڪئن ساک زباني؟
ڪيڏو پيارو آمان جو پينگهو

(رنگ منچ تي ڌيري ڌيري اوندھ ڇانئجي وڃي ٿي)

❈ ❈ ❈

درشيہ - ١

(رنگ منچ تي روشني اَچي ٿي تہ ڪلياڻ ڪئمپ جي هڪ بئرڪ جو حصو نظر اَچي ٿو. بئرڪ اَڳيان پڌر ۾، اَمان جو پينگهو هڪ ڪنڊ ۾ پيو آهي، اُن ۾ ويهي اَمان چانور پيئي سوئي. اَسُر جو وقت آهي. سئڪلوراما تي سج اُڀرڻ جو نظارو ڏسجي ٿو. پس پردي پيڇت ڪنور جو گيت ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو:

ڪيئن ريجهايان توکي، ڪئن پرچايان
ڪيئن ريجهايان، ڪئن پرچايان؟
ڏس ڪو ڏانءُ. ڏس ڪو ڏانءُ.

يا ٿيان مومن پاڪ نمازي
ڏُڪڙ، ڏماچر، ساز آوازي
ڦيرڙي پايان، ڪين ڇير ڇمڪايان
ڇير ڇمڪايان ڏس ڪو ڏانءُ، ڏس ڪو ڏانءُ.

(گيت پوري ٿيڻ تي، کاٻي پاسي کان پهلاج داخل ٿئي ٿو)

پهلاج : ٻڌين ٿي، شيوڪ ماءُ!

اَمان : ٻڌان پيئي ٻڌان. اَجا ايتري ٻڌي ڪانہ ٿي آهيان، جو ٻوڙي ٿي وڃان.

پهلاج : تہ ٻہ ڪن کولي ٻڌ. پنهنجا ڀاڳ کُليا ٿي. پنهنجو ڪليم پاس ٿيو آهي. هاڻي اِها بئرڪ پنهنجي ٿي.

اَمان : هان؟ اِها تہ ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ ٻڌايوَ.

پهلاج : ٻي خوشيءَ جي ڳالهہ ٻڌنديءَ تہ تون ٻہ خوشيءَ وچان غش کائي ڪري پونديءَ.

اَمان : اِهو مردن کي ورثي ۾ مليل آهي.

پهلاج : تہ زالن کي ورثي ۾ ڇا مليل آهي؟

اَمان : اِهو پينگهو.

پهلاج : پينگهو يعني؟

اَمان : پينگهو يعني هيءُ گهر، سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتي.

پهلاج : بس، بس. صبح صبح جو اِها ليڪچربازي ڇڏ ۽ خوشخبري ٻڌ.

درشيہ - ٽيون

(رنگ منچ تي روشني اَچي ٿي تہ پهلاج پينگهي ۾ ويهي اَخبار وينو پڙهي.)

(پس پردي هڪ گيت جو هڪ اَنترو ٻڌجڻ ۾ اَچي ٿو. اُهو پورو ٿيڻ تي، اَمان داخل ٿئي ٿي.)

اَمان : ٻڌو ٿا...

پهلاج : سچي عمر ٻڌندو ئي تہ آيو آهيان.

اَمان : اَها ها، جڏهن ٻڌائيندا آهيو، تڏهن اَصل ست سُري ٻڌائيندا آهيو.

پهلاج : هينئر تون وري ڪهڙي ست سري ٻڌائڻ آئي آهين؟

اَمان : مون پئي چيو تہ...

پهلاج : ڳالهہ ڪهمائي ڦيرائي نہ چوءِ. سڌواَچ ڳالهہ جي ڳاٽي تي.

اَمان : تہ ٻڌو

پهلاج : ٻڌان ئي پيو.

اَمان : شيوڪ هيڏو سارو ڏُکہ اَچي ٿيو آهي.

پهلاج : اوهو! ڏاڍي وڏي کوجنا ڪئي اَٿيئي.

اَمان : وچ ۾ ٽيڪ نہ اَچليو. مان ڪري ويهي ٻڌو. هن جي شاديءَ جو ڪو اونو اَٿوَ؟

پهلاج : ايڏي تڪڙ ڇو ٿي ڪرين؟

اَمان : تہ ڇا جڏهين مانا ڪائي مٿي چڙهندو، تڏهن شادي ڪرائينداس؟

پهلاج : تہ ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ، شيوڪ پنهنجي لاءِ جيون ساٿڻ چونڊي ورتي آهي.

اَمان : سچ؟ پوءِ مونکي ٻڌايائين ڇو ڪونہ؟ ۽ توهان؟ توهان بہ مونکان اِها ڳالهہ لڪائي رکي!

پهلاج : سوچيم پئي متان تون هُن کي پسند نہ ڪرين تہ.

اَمان : منهنجي پُٽ جي پسند، سا منهنجي پسند.

پهلاج : تہ پوءِ وٺون شادي جي پڪ؟

اَمان : اِها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي؟ اُٺو هينئر جو هينئر وڃو.

پهلاج : پر شيوڪ کان پڇي پڪ تہ ڪر نہ.

اَمان : هاڻي وري شيوڪ کان پڇان؟

پهلاج : مون پئي چيو...

اَمان : هاڻي اُٿو، اِچ ئي اِهو شڀ ڪاريہ ڪريو.

پهلاج : تہ پوءِ هڻ ڏڪڙ تي اُٺو.

(اَمان ۽ پهلاج ٻئي Freeze ٿين ٿا ۽ رنگ منچ تي اوندهہ ڇانئجي وڃي ٿي.)

درشيہ - پيون

(رنگ منچ تي روشني ڦهلجي ٿي تہ فلئٽ اَچيان، اَڱڻ جو نظارو ڏسجي ٿو. پهلاج، اَمان، شيوڪ ۽ ٻيا ڪي سڄڻ ڀراڻي جي پوڄا ڪندا نظر اَچن ٿا. گهر جا ڀاتي گڏجي جهوليلال جي اُستتي ڳائن ٿا:-

جو تين وارا تون ئي پت رکجانءِ
جهولڻ سائين جهولي پرجانءِ...

ٻيڙو تہ منهنجي لال جو پاڻي ترندو ايندو
پاڻي ترندو ايندو، تنهن کي لهر نہ لوڏو ايندو.
ٻيڙو تہ منهنجي...

ويٺڙي آهيان واٽ تي، واٽ گهمڻ ايندو
اولي منهنجي واٽ مونکي سولي ڪري ڏيندو
ٻيڙو تہ منهنجي...

ويٺڙي آهيان ڪوهہ تي ڪوهہ گهمڻ ايندو
ڪارو پاڻي ڪوهہ جو مٺو ڪري ڏيندو
ٻيڙو تہ منهنجي...

(رنگ منچ تي آهستي اونده ڇانئجي وڃي ٿي)

او راڻا راڻا مور يلي پيو نچي ڳُجر جو
نٿ گهڙايم سوَ ڏيئي الله لڳ راڻا
راڻا تو مان راڄ ڏيندا، راڻا تو مان لک ڏيندا.
تون تہ مامن جي ڪُلهي، تون تہ چاچن جي ڪُلهي
راڻا راڻا مور يلي پيو نچي ڳُجر جو.
مور پيو ٽلي راڻا، مور پيو ٽلي

ڌمي : اَئي رتنا، تون تہ وارو وٺ.

رتنا : اَڙي هل ماري گهوٽ ماءُ گهمڻ بزار
ڪولي ڀٽوئون ناحق نہ ناٽي ڏي نهار
واٽئي ڪان، هو هو واٽئي ڪان، هو هو واٽئي ڪان
ونگا چڪائي وٺ چار
گهوٽ ماءُ ونگا آڻيندي، ٻہ ونگا مڙس کي ڏيندي
ٻہ ونگا سهڙي کي ڏيندي
باقي جي ڪلون ٻاچنديون
سي ڪلون پاڻ ڪائيندي
پوءِ ويهي لاڏا ڳائيندي
هل ماڙي، هل ماڙي، هل ماڙي،
(سيئي زالون ٺهڪ ڏين ٿيون)

(رنگ منچ تي اوندهہ ٿئي ٿي)

درشيہ - چوٿون

(رنگ منچ تي روشني ڦهلجي وڃي ٿي تہ شيوڪ اوندهہ ۾ ويٺو آهي. سندس ڪپڙا ڦاٽل آهن. پشپا، درو، رتنا وغيره جيڪا زال اَچي ٿي، سندس خميس ٽورو وڏيڪ ڦاڙي ٿي. پوءِ گول ناهي هيٺ ڌهل وڄائي لاڏا ٿيون ڳائين. شيوڪ نڪري وڃي ٿو.)

اَمان : اَڄ هرڪنهن کي سنڌي لاڏي جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٽُڪ ضروري چوڻي آٿي نہ تہ ڪيس پنهنجي گهوٽ جو نالو ڏهہ دفعا چوڻو پوندو.

زال : پر جي ڪنهنجو سُر ٺاڪرو هجي تہ؟

اَمان : تہ پلي ٻين ٻين ڪري ڳائي. شروع ڪر ڏمي!

ڏمي : نڇو نڇو نڇو لاڏا چوڻ ڳايون- اَسان گهوٽيتا آهيون

منهنجا ونهيا لاڏا شل راڄ ماڻيندين
شل راڄ ماڻيندين ٻاڙهي ڪنوار آٽيندين
شل راڄ ماڻيندين سهٽي ڪنوار آٽيندين
او منهنجا ونهيا لاڏا شل راڄ ماڻيندين.

ڏمي : هل پشپا!

پشپا : تنهنجي سنهڙي خميس سونهي ستارن سان
او سونهي ستارن سان، منڙو مارن سان
جيءُ جيئارن سان
تنهنجي سنهڙي خميس سونهي ستارن سان.
پنهنجي لاڏل لاءِ جاءِ جوڙايم
سنگمرمر جون سرون تنهن ۾ وجهايم
چانئٺ چٽائي مون تہ سونارن کان
تنهنجي سنهڙي خميس سونهي ستارن سان.
سونهي ستارن سان منڙو مارن سان
جيءُ جيئارن سان
تنهنجي سنهڙي خميس سونهي ستارن سان.

ڏمي : اَڄ ڏروُ تون بہ ٿيءُ شروع.

دروُ : مور پيو نچي راٽا، مور پيو نچي

پهلاج : زمانو بدليو آهي تہ اَسانکي بہ زماني اَنوسار بدلجڻ کپي نہ...
شيوڪ ڪڇ ۾ مهيش کي کڻي، پدمڻيءَ سان گڏ داخل ٿئي ٿو. شيوڪ، پهلاج کي پيرين پوي ٿو.)

پهلاج : شل وڏو پريو ٿين (پدمڻي پيرين پويس ٿي) ڇُٽ پٽ.
(پدمڻي اَمان کي پيرين پوي ٿي.)

اَمان : شل سدائين سهاڳ ماڻين.
(شيوڪ اَمان کي پيرين پوي ٿو)
(مهيش روئڻ لڳي ٿو)

اَمان : (مهيش کي ڪڇ ۾ کڻي) اَلي اَلي! روئين ڇو ٿو ٻچڙا؟ توکي شيوڪ ڇهنڊڙي پاتي ڇا؟ (روئڻ جاري ئي آهي.)

پهلاج : مونکي ڏي تہ مان ٿو پرچايانس.

اَمان : نہ، نہ، مان هن کي پهرين پينگهي ۾ ليٽائينديس. ياد ڪونہ اَٿو، شيوڪ کي بہ پهرين اِن پينگهي ۾ ئي لٽايو هئم. الي اَلي تَوکي اَچا پينگهي ۾ ڪونہ سمهاريو اٿم. اَنڪري ٿو روئين؟ گهوري وڃان! (پينگهي ۾ مهيش کي ليٽائي ٿي تہ هڪدم روئڻ بند ڪري ٿو) ڏٺئہ! هيڏڙي پتڪڙي کي بہ پينگهي جي چوُس لڳي ويئي!

(ڌيري ڌيري رنگ منچ تي اوندهہ ڇانئجي ٿي)

❖ ❖ ❖

درشيہ - پنجون

(ساڳيو فليٽ اَڳيان اڱڻ جو نظارو. اَمان پينگهي تي ويٺي آهي ۽ پهلاج موڙي تي ويٺو آهي.)

اَمان : هاڻي تہ اُوهان ڏاڏا بہ ٿي ويا.

پهلاج : ۽ تون جڏهن ڏاڏي ڪانہ ٿي ويئين؟

اَمان : ڇو نہ، ڇو نہ... پر، شيوڪ اَڃا آيو ڪونهي، هوُ آفيس مان سِڌو اسپتال وڃڻ وارو هئو، نہ؟

پهلاج : ها اَڄ تنهنجيءَ نُنهن کي اَسپتال مان موڪل ملڻ واري آهي. بس هاڻ، ڪنوار پدمڻي ۽ پتڪڙي پوٽي کي وٺي جاڻ آيو.

اَمان : توهانجي پوٽي جي پيشاني بلڪل توهان جهڙي آهي.

پهلاج : ۽ نڪ بلڪل نانهس جهڙو اٿس.

اَمان : روش بلڪل شيوڪ جهڙا اٿس.

پهلاج : ۽ اَکڙيون بلڪل تو جهڙيون اَٿس.

اَمان : رڳو ڪاڏي ماڻهس جهڙي اَٿس.

پهلاج : اَسان بہ ڪمال ڪندا آهيون. جيڪو نئون ٻار ڄمندو آهي، اُن جا نڪ، ڪن، چپ سندس ڪهڙي مائٽ سان ملن ٿا، اُن جي کوجنا ڪندا آهيون. جڏهن تہ ٻار جو سڀ ڪجهہ، ڪنهن نہ ڪنهن سان ملندڙ جلندڙ آهي. سندس پنهنجو ڪجهہ ڪونهي؟

اَمان : ڇو ڪونهي؟ سندس نالو تہ پنهنجو ئي هوندو آهي، نہ؟

پهلاج : چڱو ياد آيو. مهراج ڪان پوٽي جي جنم پتري نهرائي آئينءَ؟

اَمان : ها، مهراج توهانجي پوٽي جو نالو مهيش ٻڌايو آهي.

پهلاج : مهيش يعنيٖ شو شنڪر، پولي ناٿ.

اَمان : پولينات جيان سيني جو پلو ڪندو، اِئين مهراج پئي چيو... اَڃا شيوڪ آيو ڪونهي؟

پهلاج : ايتري اُتاولي نہ ٿيءُ. توکي تہ خبر آهي تہ اَڄڪلهہ ڊاڪٽر ڪيترين نہ دوائون لکي ڏيندا آهن.

اَمان : اَسان جي زماني ۾ هيون دايون ۽ گهرو نسخا. ڊاڪٽرن جي درن جا ڌڪا تہ ورلي کائبا هئا.

اَصل مؤن- ورت رکنديس.

مٽي : مؤن ورت رکي تہ اُکوئي رکي نہ، سندس کند کند کان تہ کنن کي آرام ملندو.

يوڪ : ڇا چيئہ؟

مٽي : ڪجھہ نہ، ڪجھہ نہ. صوفياٽي چونکي رکائٽي هجيوَ تہ وڃي رکايو. مان مميءَ وٽ هلي ويندس انوَ. (اِئين چئي اَندر هلي وڃي ٿي.)

(شيوڪ کيس تکيندو رهي ٿو ۽ Freeze ٿي وڃي ٿو. پس پردي گيت ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو.)

پنهنجو پل پل نينهن لٽائي
موٽ ۾ ڪوئي ڇا ٿو پائي
هڪڙو ٻئي جو ويهي سهي ڇو اَٽ ئي پهر اَپمان؟
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان!

جيون وهندڙ جل جي ڌارا
سک ۽ دک اُن جا ٻہ ڪنارا
ڪيڏو دک آ، ڪيڏو سک آ، اِن جو ڇا اَرمان؟
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان!

(روشني ڌيري ڌيري گم ٿئي ٿي.)

(جڏھين ڏيري ڏيري رنگ منچ تي روشني اَچي ٿي تہ سئڪلوراما تي لکيل آھي سورھن سالن ڪانپوءِ)

(رنگ منچ تي روشني اَچڻ تي ساڳئي فلئٽ جي اڱڻ جو نظارو ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. ٿوري دير ڪانپوءِ مھيش ۽ شيوڪ ٻاھران داخل ٿين ٿا.)

مھيش : (خوشيءَ وچان) ممي! ممي!

پدمني : (اَندران جواب ڏيندي داخل ٿئي ٿي) ڇا ھي، مھيش؟

مھيش : مونکي ڪاليج ۾ admission ملي ويئي.

پدمني : ڏاڍو سٺو. وڃي اَميءَ کي اِھا خوشخبري ٻڌائي اَچ. صبح کان ڏھہ ڀيرا پڇيو اَٿائين، ”مھيش آيو ڪين نہ؟“

شيوڪ : ھا، ھا وڃ، مھيش! وڃي اَمان کي پيرين پؤ.

مھيش : او. ڪي. ڊئڊي! (اَندر وڃي ٿو)

پدمني : Admission ۾ ڪا تڪليف تہ ڪانہ ٿي، نہ؟

شيوڪ : خاص نہ. ڪاليج جو پرنيسپال سڃاتل نڪتو. اِنڪري جلدي داخلا ملي ويئي.

پدمني : جُڙيءَ کي جس آھي.

شيوڪ : اَمان پئي چيو تہ مھيش کي ڪاليج ۾ داخلا ملي وڃي تہ صوفياڻي چوِنڪي رکائجو.

پدمني : ھن کي چوڻ ۾ ڇا ٿو وڃي. توھان سوچيو تہ سھي، ھتي صوفياڻي چونڪي ڪيئن ٿي سگھندي؟ ھتي اَڌ جاءِ تہ اِھو پينگھو والاري وينو آھي.

شيوڪ : وڏي مائٽ جي دل رکڻ کپي، مني! دل وڏي ھجي تہ ننڍي جاءِ بہ سوڙھي ڪانہ لڳندي. پينگھي کي اُن ڏينھن ٿوري ھٽائي، پاسيرو ڪري رکبو.

پدمني : مان تہ اِن پينگھي مان اَچي ڪاٽي آھيان.

شيوڪ : جڏھين جڏھين ھن پينگھي کي ڏسندو آھيان تڏھين تڏھين اَمان جا اُھي لفظ ڪنن ۾ اَصل ٻُرڻ لڳندا آھن. (پس پردي اَمان جو آواز)

اَمان جو آواز: جي وري اِن پينگھي کي ٻاھر ڪڍڻ جي ڳالھہ ڪندا تہ

درشيہ - اَٺون

(رنگ منچ تي روشني ڦهلجڻ تي، پهلاج پينگهي ۾ ويٺو آهي. شيوڪ، پدمٽي ۽ مهيش پينگهي جي پاسن کان بيٺا آهن)

مٽي : بَابا، هيءُ توهان سان هڪ ڳالهہ ڪرڻ چاهين ٿا

لاج : ڇو؟ تون سِڌو ڇو نٿي چوين؟

(پدمٽي چپ آهي.)

لاج : ٺيڪ آهي... شيوڪ، تون ئي ٻڌاءِ.

بوڪ : پدمٽي ڪٿان ٻاهران اِها ڳالهہ ٻڌي آئي آهي تہ اَمان هيءُ پينگهو ڪنهن سنڌي سنسٿا کي دان ڪرڻ ٿي چاهي.

مٽي : دان ڪرٿو اُتس تہ نيتردان ڪري يا ٻيو ڪجهہ دان ڪري. هيءَ پينگهو ڇو ٿي دان ڪري؟

لاج : ڇو نہ ڪري؟

بوڪ : ڇوتہ اِن پينگهي لاءِ چار لک واه جا ملي سگهن ٿا.

لاج : بس؟ رڳو چار لک؟

مٽي : چار لک نہ، تہ ڇا چار ڪروڙ ملندا؟

لاج : اِن پينگهي لاءِ ڪو چار ڪروڙ ڏئي تہ بہ ٿورا آهن.

مٽي : مان نٿي سمجهان ڪوئي چار ڪروڙ رپيا ڏيندو، سو بہ هڙي جهوني پُراڻي پينگهي لاءِ.

لاج : جنهن کي تون پينگهو ٿي چوين، اُهو اَسانجي سنڌي ڪلا جو بي جوڙ نمونو آهي. اُن سان سنڌي لوليون، سنڌي لاڏا، سنڌي اوراڻا، سنڌي ڪافيون، سنڌي وايون واڳيل آهن. اِن جي ٽُڪر ٽُڪر ۾ سمايل آهي سنڌي سنگيت. اِن ۾ ممتا جو جذبو مڙهيل آهي. سنڌيت جي سُرهاڻ سميٽيل آهي. اِهو سنڌي ڪلچر جي نشاني آهي.

يوڪ : مڃان ٿو، اِن سان ڇئن پيڙهين جون يادگيريون جُڙيل آهن. ۽ اِهو اَسانجي آسودگيءَ جي نشاني آهي.

هلاج : پدمٽي، پٽ! تون مهيش جا فوٽا نڊي هوندي ڪان ڪڍائيندي آئي آهين.

دمٽي : اِهو تہ هرڪو پيو ڪري.

هلاج : برابر. تازو اُهي فوٽا گڏ ڪري، اُن جي ويڊيو ڪڍيئہ

(رنگ منچ تي روشني ڦهلجي ٿي ۽ پينگهي ۾ اَمان ۽ پنڪي وينيون آهن. flash back پورو ٿئي ٿو پينگهي جي چين چين جو آواز ٻڌجڻ ۾ اچي ٿو ۽ پنڪي اَمان جي ٻانهن ڏونڌاڙيندي ڪيس سڏ ڪري ٿي، جڻ ڪيس ننڊ مان جاڳائيندي هجي.)

پنڪي: اَمان... اَمان...ڪٿي آهيو؟

اَمان : هان! اِهو هئو منهنجي جيون جو داستان. منهنجي گذريل زندگيءَ جي يادگيرين جا قصا. پر گلڙي مون کي هن پينگهي جي ڏاڍي چنتا آهي. اَلائي ڇا ٿيندو هنجو. ڪالهه سنڌي اَخبار ۾ پڙهيم تہ گجرات ۾ هڪ سنڌي سنستا آهي جيڪا سنڌي ڪلا جي سنڀال لاءِ هڪ سنڌو يون نهرائڻ جي رٿا رٿي رهي آهي.

پنڪي : تہ توهان اهو پينگهو هنن کي وڪڻي ڇڏيندا؟

اَمان : وڪڻنديس ڪانہ، دان ڪنديس.

پنڪي : دان يعني مُفت ۾؟

اَمان : ها. جيئن ڪي پنهنجون اکيون دان ڪندا آهن تيئن مان پنهنجو هي پينگهو دان ڪنديس. (لنبو Pause. پينگهي جي چين چين جو آواز)

اَمان : هن پينگهي جي سنڀال ڪير لهندو، اهو خيال منهنجي اَندر کي جڻ کائي پيو. اُن باري ۾ سوچيان ٿي تہ پٽ، دل سُسي ٿي وڃي، هٿ پير ٿڌا ٿي ٿا وڃن، ساهہ گهبرائڻ لڳي ٿو. (ڇَڙو ڪنگهي ٿي)

پنڪي : اَمان اَمان، اَمان ڇا ٿيو. پاڻي کڻي اَچان؟

اَمان : نہ نہ پُٽ، تون گهبراءِ نہ. هاڻي تون وڃ. مونکي اَندر ۾ اَلائي ڇا پيو ٿئي.

پنڪي : اَمان هلو مان توهان کي اَندر ڇڏي ٿي اَچان. (پنڪي اَمان کي ٻانهن کان وٺي اَندر ڪمري ۾ وڃي ٿي) توهان هاڻي هلي آرام ڪيو.

(رنگہ منچ تي اونڌهہ ٿئي ٿي. پس پردي گيت جو هڪ بند ٿو ٻڌجڻ ۾ اچي:

ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو انسان
گُهرائيءَ ۾ گويا ساگر جوش ۾ جڻ طوفان!
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان)

شيوڪ : منهنجو مطلب اِهو ڪونہ هئو.
پهلاج : مان تنهنجو مطلب سمجهان ٿو. ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو. اِهو پينگهو وڪڻڻ اَصل ڪونہ ڏيندوسانوَ. (آمان دروازي وٽ اَچي بيهي ٿي)
شيوڪ : اِن پينگهي جي اَهميت کان اَسان کي اِنڪار ڪونهي. پر، اِهو پينگهو اَجايو ايڏي جڳهہ والاري وينو آهي، جو...
پهلاج : دل سوڙهي نہ ڪجي تہ جاءِ جي ڪوٽ ڪانہ ٿيندي آهي، پٽ! توکي ياد آهي، جڏهين مهيش کي اسپتال مان ڪڻي آيو هئين، تہ اَصل روئڻ بس ئي نہ پئي ڪيائين... ۽ جيئن ئي ماڻهين مهيش کي پينگهي ۾ وجهي لوڏيو، تہ هڪدم روئڻ بند ڪري ڇڏيو هئائين...
شيوڪ : مڃان ٿو تہ اِن پينگهي ۾ گهڻيون خاصيتون بہ آهن، پر...
اَمان : پر ڇا؟ سنڌي سنواڻي ڳالهہ ڪرنہ. اِهو نٿو سوچين تہ اهو پينگهو ڪو بيجان پتر ڪونهي. منهنجي جگر جو ٽڪر آهي. (PAUSE) هيڏانهن ٻڌو ٿا!
پهلاج : ڇو ڇا ٿو ٿئيئي شيوڪ ماءُ؟
اَمان : خبر ناهي ڇا پيو ٿئي. دل ۾ سور ۽ گهبراهٽ پيئي محسوس ڪريان.
پهلاج : شيوڪ جلدي وڃي ڊاڪٽر کي سڏي اَچ.
اَمان : نہ هيڏانهن، لڳي ٿو منهنجو اَنت ويلو اَچي ويو آهي. شايد وڃڻ لاءِ پروانو اَچي ويو آهي. (Pause) (اونها ساهہ کڻي ٿي)
پهلاج : مهيش اِتان جلدي پاڻي کڻي اَچ.
اَمان : پاسي مان پنڪيءَ کي تہ سڏايو. مان هن جو منهڙو ڏسڻ ٿي چاهيان.
پهلاج : مهيش، وڃ وڃي پنڪيءَ کي سڏ ڪر.
مهيش : ها ها.
پهلاج : شيوڪ مان توکي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، مان توسان گڏ آهيان.
مهيش : (سڏ ڪندي) پنڪي! اَمان سڏ پيئي ڪريئي.
اَمان : پدمڻي پٽ! ڇيو ڇوايو معاف ڪجہ.
پدمڻي : اَمي! وائي تہ سٺائي ڪيو. توهان کي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو.

جڏهين ويڊيو جو زمانو ويو، سي. ڊي جو نئون رواج نڪتو تہ تو اُن ويڊئي تان سي. ڊي. نهرائي. برابر؟

پدمڻي : آخر توهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو؟

ڀلاج : اِهوئي تہ هرڪو پنهنجيون پياريون چيزون سنڀالي رکڻ چاهيندو آهي. پري ڇو وڃون؟ مهيش کي ننڍي هوندي جيڪي رانديڪا وڻندا هئا، اُهي تو سانڍي رکيا آهن. اَڇا وڪيا ڪونهن.

پدمڻي : جهونا رانديڪا وڪڻ مان ملي ملي ڇا ملندو؟

ڀلاج : ڳالھہ پئسن جي ناهي پٽ. ڳالھہ آهي اُنهن رانديڪن سان جڙيل جذبن جي. ڇا سڀاڻي ڪوئي فقير توکان مهيش جو ڪو جهونو رانديڪو گُهري تہ تون اُهو ڪيس دان ڪندينءَ؟

شيوڪ : مان ڪيس دان ڪرڻ ڏيندس ئي ڪونہ.

ڀلاج : برابر

پدمڻي : پر، اَمي تہ دان ڪرڻ ٿي چاهي، نہ؟

ڀلاج : سندس شيءِ آهي. ڀلي دان ڪري.

شيوڪ : مان توهان سان شامل راءِ ناهيان. جيئن اَڳي ريڊيا هئا. اُنکانپوءِ ٽي. وي. آئي. اَڳي گراموفون رڪارڊ هئا، پوءِ ڪئسيٽس نڪتيون. اَهڙيءَ طرح، جئن جئن سائنس ترقي ڪري ٿي، تئن تئن جهونين شين جي جاءِ تي نيون چيزون اَچن ٿيون، جيڪي وڌيڪ سهوليت، وڌيڪ آرام بخشين ٿيون. اِنڪري بهتر اِئين ٿيندو تہ اِهو پينگهو وڪڻي، ڪو نئون صوفا سيٽ يا صوفا- ڪم بيڊ وٺجي.

ڀلاج : بلڪل نہ. مان توهان کي اِهو پينگهو وڪڻ اَصل ڪونہ ڏيندس. اِن ۾ توهانجي اَمان جو ساھہ سمايل آهي.

شيوڪ : جي اَمان کي صوفا ڪم بيڊ نہ کپي تہ هيءَ جهونو پينگهو وڪڻي نئون پينگهو وٺي سگهون ٿا.

ڀلاج : ڪهڙي ضرورت آهي؟ هيءُ پينگهو اَڃا تہ ڪم ڏئي پيو. ڪو ڀڳو ٽُٽو تہ ڪونهي. ڀل تہ هڪ ٽنگ ڀڄي پويس، تہ بہ اِهو وڪڻ ڪونہ ڏيندوسانوَ... سمجهو ڪٽي سڀاڻي منهنجي هڪ ٽنگ ڀڄي پوي ٿي.....!

وتان. اَج ڪان هيءُ پينگهو تنهنجو (پنهنجو ساهہ چڙي تي ۽ سندس اکيون بند تي وڃن ٿيون)

پهلاج: شيوڪ ماءُ، شيوڪ ماءُ، اُٿ، اُٿ هيئن نہ ڪر. مان اَڪيلو ٿي پوندس.

پنڪي: اَمان اَمان، اَمان، اُٿو هن ڳَڏيءَ سان راند ڪريو. بابا اَمان کي ننڊ اَچي ويئي؟

پهلاج: ها پنڪي پٽ، تنهنجي ڏاڏي سهاڳڻ ٿي ويئي ۽ چڙي ويئي پنهنجو هيءُ پينگهو، جو پل پل سندس ياد ڏياريندو رهندو. (پس پردي گيت جو هڪ ٽڪرو ٻڌجڻ ۾ اَچي ٿو)

خوشيءَ سان غم اِئين پيچ آ پاتو
چانوَ سان اُس جڻ جوڙيو ناتو
جيون جو هيءَ ساز ٿو بدلي گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ تان!
ڪيڏا عجب اَنوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان.
پنهنجو پل پل نينهن لٽائي.
موٽ ۾ ڪوئي چا ٿو پائي
هڪڙو ٻئي جو ويهي سهي چو اَنئي پهر اَپمان؟
ڪيڏا عجب انوکا ناتا جوڙي ٿو اِنسان!
گهرائيءَ ۾ گويا ساگر. جوش ۾ چڙ طوفان!

(ڏيري ڏيري اَمان ۽ پينگهي مٿان سرخ رنگ جي روشنيءَ جو Spot اَچي ٿو ۽ رنگ منچ تي سڀ ڪلاڪار Freeze تي وڃن ٿا ۽ پردو ڪري ٿو)

سماپت

هيڏانهن توهين جلدي وڃي ڊاڪٽر کي سڏيو.

اَمان : نہ ڪنوار، هاڻي ڊاڪٽر مان ڪجھ ڪونہ ورندو. پرون پون پيا.

پهلاج : اِئين، نہ چئو شيوڪ ماءُ، توکان سواءِ مان ويڳاڻو ٿي پوندس.

اَمان : بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي. ڪيتريون آسون اُميدون هيون تہ مهيش جي شادي ٿيندي، ڪيس پٽ ڄمندو، مان پڙ ڏاڏي ٿينديس پر نہ... لڳي ٿو ايشور کي اِهو سڀ منظور ناهي.

پهلاج : نہ شيوڪ ماءُ، تنهنجي اَڃا اَسانکي ضرورت آهي.

اَمان : جنهنجو هتي ڪپ، تنهنجو مٿي بہ ڪپ.

پهلاج : ٺيڪ آهي اهو پينگهو اَصل ڪونہ وڪڻنداسين هاڻ تہ ڊاڪٽر کي وٺي اَچڻ ڏي.

اَمان : نہ، هينئر توهان سڀ ڪيڏانهن نہ وڃجو. پنڪي آئي؟

پنڪي: (پنڪي نچندي ٽپندي اَچي ٿي) اَمان اَمان مان اَچي ويس. هي ڏسو اَمان، گُڏي! توهان ڪالھ جيڪا خرچي ڏني هئي. اُن مان هيءَ گڏي ورتي اَٿم، ٿيلهي مان ڪڍي) هيءَ ڏسو هنجا ڪپڙا، هنجا جوراب، هنجو چشمو، هنجي ٽوپي. (ٽوپي پائيس ٿي) ڏسو هيءَ گڏي ڪيئن ٿي لڳي؟

اَمان : ها گُلڙي سٺي آهي.

پنڪي: اُٺو، اَچو هن گُڏيءَ سان راند ڪريون.

اَمان : نہ گُلڙي! مٿان سڏ ٿيو آهي. هاڻ هلڻو ئي پوندو.

پنڪي: تہ مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلو.

اَمان : نہ گُلڙي مونکي اَڪيلو وڃڻو پوندو. هيڏانهن، مان هڪ وصيت ٿي ڪريان. توهان شاهد آهيو. مان چاهيان ٿي منهنجي مرڻ کانپوءِ، اهو پينگهو منهنجي ڌرم جي پوٽيءَ پنڪيءَ کي ڏاجي ۾ ڏنو وڃي.

پهلاج : ها ها اِئين ئي ٿيندو.

اَمان : (پنڪي کي ڳراٽڙي پائي) ياد اَٿيئي گُلڙي توکي چيو هوم تہ توکي پنهنجي سڳيءَ پوٽيءَ جيان ڏاجي ۾ سڀ ڪجھ ڏينديس- سواءِ اِن پينگهي جي. هاڻي اُهي لفظ واپس ٿي

تائين بہ مثل آهي. ’نرمل‘ کي سنڌيءَ جي لَڳ ڀڳ هر ڪنهن ٿئيٽر گروپ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. هو ٻين ٻولين تان ناٽڪ ترجمو ڪرڻ بدران، ان ۾ سنڌي ماحول جي تقاضائن پٽاندر، گهربل ڦيرڦار ڪندو ۽ ڪجهہ جوڙيندو بہ آهي. ۽ پنهنجي شخصيت جي ڇاپ هڻندو آهي. سنڌيءَ ۾ الڻا ڪيل سندس ناٽڪ وشيہ توڙي پيش ڪش جي لحاظ کان اهم جڳهہ والارين ٿا. ڪن کي شايد اهو مبالغو لڳي پر اها حقيقت آهي تہ اڄ جيترو بہ سنڌي اسٽيج وڪاس ڪيو آهي، سو گهڻي ڀاڱي نرمل جي ڪري. جيڪڏهن سنڌي ٿئيٽر تي واسديو نرمل نہ هجي ها تہ سنڌي ٿئيٽر ڪٿي هجي ها؟

’رات جو يارهين بجي‘ ... ’پيار ڪري ڏس‘... ’هڪ... ٻہ ٽي‘... ضرورت آ جوءِ جي‘‘.. ’پلءُ پلي‘... ’بنڊل باز‘... ’جڏهين مان نہ هوندس‘... ’هاءِ منهنجي دل‘ ’منهنجا مور لاڏا‘... ’شادي تہ ڪر‘... سڀ ناٽڪ اسٽيج تي لوڪ- پريہ ٿي چُڪا آهن. واسديو نرمل جا ٻيا بہ ڪيترائي اُلٿو ٿيل ناٽڪ آهي، جيڪي اَڃا اسٽيج تي ٿيڻا آهن، پر جن جون Scripts تيار آهن، جيئن تہ ’هني مون هوٽل‘ ’پاڻ ماڻهو‘ وغيره وغيره.

نرمل فقط مذاقي ۽ ۽ وندر سان ڀرپور ناٽڪ ئي اُلٿو نہ ڪيا آهن، پر ڪي گنڀير ۽ معنيٰ خيز ناٽڪ بہ اُلٿو ڪيا آهن، جن کي سنڌي اسٽيج جو منهن اَڃا ڏسڻو آهي. اُنهن مان هڪ آهي آگسٽ اسٽرنڊ برگ جو جڳ پرسڌ ناٽڪ جنهنجو اُلٿو نرمل ’مس ريتا‘ جي نالي سان ڪيو آهي. مهان روسي ساهتيڪار مئڪسم گورڪي جي ناٽڪ ’Lower depths‘ کي نرمل، سنڌيءَ ۾ **پاتال** نالي سان ترجمو ڪيو آهي. مٿيان ناٽڪ ’نرمل‘ وٽ تيار آهن، پر سنڌيءَ جي ڪنهن بہ هدايتڪار کي اُنهن کي اسٽيج ڪرڻ جي همت اَڃا ڪانہ ٿي آهي.

اِها نهايت اَفسوس ناڪ حقيقت آهي تہ واسديو ’نرمل‘ جنهن سنڌي اسٽيج کي پنهنجيءَ زندگيءَ جا ويهہ سال اَرپڻ ڪيا آهن، تنهن جو اَصلوڪو طويل ناٽڪ ’لاڏي لاڏي آندي، پر...‘ اسٽيج ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سنڌي هدايتڪار اَڃا تائين تيار ڪونہ ٿيو آهي، جو جو اُن ۾ سستي منورنجن بدران گنڀير گهرو جيوت کي صداقت سان پيش ڪيو ويو آهي.

واسديو ’نرمل‘ ناٽڪ فقط اُلٿو نہ ڪيا آهن، پر اَصلوڪين ايڪانڪين جي کيتر ۾، هن جو يگانو يوگدان رهيو آهي. هن جي اصلوڪين ايڪانڪين جا ٻہ مجموعا موجود آهن:- **’ٻوڙا اَڇي مڙيا‘**، **’بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي‘** ۽ **’سس ڙي سس.‘** سندس اِهي ايڪانڪيون لوڪ پريتا جون

ناٽڪ نويس واسديو نرمل

- وشنو ڀاٽيا

واسديو 'نرمل'، پنهنجي ساهتڪ زندگيءَ جي شروعات ڪوتا ۽ ناٽڪ سان گڏوگڏ ڪئي. جن ڏينهين، واسديو نرمل سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول، بمبئي، جي نائين درجي ۾ پڙهندو هئو، اُن وقت 'جوت' اسڪولي مخزن شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هئو. هوُ چاڪاڻ تہ ڪلاس جو مانيٽر هئو، اِنڪري 'نرمل' ڪلاس جو شان برقرار رکڻ لاءِ سڄي رات جاڳي هڪ ڪهاڻي، هڪ ڪويتا ۽ هڪ ناٽڪ لکي ورتا جيڪي ٻئي ڏينهن هن سمپادڪ کي ڏنا. سمپادڪ 'نرمل' جي لگن ۽ محنت کي داد ڏنو هئو. ۽ اُهو سمپادڪ هئو **شري ڪيرت ٻاٻاڻي**.

والچند ڪاليج آف انجنيرنگ، سانگليءَ ۾ پڙهائي جي دؤران، ''نرمل'' ٻہ هندي ايڪانڪيون 'ضرورت هڪ بيوي ڪي' ۽ 'نيا مرغا' لکيون ۽ ڊائريڪٽ ڪيون هيون. ١٩٥٥ کان 'نرمل' ڪانديولي ۾ رهندو هئو. هر سال دسهڙي جي موقعي تي، اتي جا جوان هڪ ناٽڪ پيش ڪندا هئا، جن کي بہ 'نرمل' ناٽڪ لکي ڏيندو هئو.

مدن جماڻي، گوبند مالهي سان اپنا جا هندي ناٽڪ ڏسندي ۽ بحث ڪندي هو ناٽڪ جي ويجهو ٿيندو ويو. سنڌو ڪلا مندر جي 'فائونڊر ميمبر' هئڻ جو شرف بہ 'نرمل' کي عطا آهي. موتي پرڪاش جي ري روڊ واري گهر ۾ هڪ ميٽنگ رکي ويئي هئي. ايس. پي. مينگهاڻي، پڏي آڏواڻي، سچو آڏواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ موتي پرڪاش جي موجودگي ۾ سنڌو ڪلا مندر برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هئو.

اهو ١٩٦٠ جو زمانو هئو. مندر جي پهرين مئنيجنگ ڪاميٽي تي 'نرمل' پڻ ڪنيو ويو هئو.

١٩٦٦ ۾ **'هيءُ پياسو من منهنجو'** جيڪو ناٽڪ مرهٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ واسديو نرمل الٿو ڪيو هئو، سنڌو ڪلا مندر پيش ڪيو. ناٽڪ مرهٽيءَ جي مهان ناٽڪڪار پي. ايل. ديشپانڊي جو لکيل آهي، جنهن جا ڊائلاگ مذاقي ۽ دل کي ڇهندڙ آهن. ايس. پي. مينگهاڻي جي هدايتڪاري هيٺ واسديو نرمل 'پون مالهي' ڪردار جي روپ ۾ اسٽيج تي بہ آيو.

مختصر پوندو تہ واسديو نرمل ڪوي، هدايتڪار، ناٽڪڪار سان گڏ اداڪار بہ رهي چڪو آهي. ان سان واسديو 'نرمل' جي گوناگون شخصيت جا انيڪ پهلو اُجاگر ٿين ٿا.

سنڌي اسٽيج تي واسديو نرمل جي الٿو ڪيل ناٽڪن جي ڏوم اچ

سنڌي اَصلوڪا طويل ناٽڪ

اَسان وٽ اَصلوڪن وڏن ناٽڪن جي اَڻاٺ آهي... اِئين ر ڳو اَڄ ڪونہ آهي، مگر اَڳيِ بہ اِهو حال هئو، مگر هينئر اُن مسئلي ڏانهن سيني جو ڌيان ڇڪيو- ڇڪايو ويو آهي. اِن جو ڪارڻ اِهو آهي تہ اَڳيِ ناٽڪ سال ۾ هڪ پيرو شغل هئو... اَڄ... جلد جلد نوان ناٽڪ پيش ٿين ٿا ۽ هڪدم اِها حقيقت محسوس ڪجي ٿي تہ اَصلوڪو سنڌي وڏو ناٽڪ عدم پيدا آهي.

اَصلوڪي سنڌي وڏي ناٽڪ جو آئينده اُجرو بڻجي، اِن لاءِ لازمي آهي، تہ اڪل ڀارت سطح تي هن ڪان اَڳ ٿيل هڪ ڇنڊڇاڻ ۾ جيان، وقت بہ وقت ڇنڊڇاڻ رکيون وڃن ۽ اَسان جون مشهور معروف ناٽڪ منڊليون، اِهو پرڻ ڪن تہ فقط اَصلوڪا ناٽڪ پيش ڪنديون. جيڪڏهن اَهڙو پرڻ نہ ڪري سگهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ڪن جو هر سال پنهنجن ٻين ناٽڪن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو اَصلوڪو نئون ناٽڪ پيش ڪن. پوءِ اِئين ڪندي ڪين ڪجهہ مالي نقصان ئي ڇونہ سهڻو پوي، ڏيڙي اَهڙي نقصان جو ڪو اِمڪان نظر نٿو اَچي. سنڌي ناٽڪ کي سنڌي ۽ سنڌيت قائم رکڻ جو وسيلو ڄاڻندڙ سائين ۾ کي هي ۾ للڪار آهي.

-هيمراج ناگراڻي

(سورٺ-۴ ناٽڪ اَنڪ تان)

بلنديون هڪ طرف ڇهن ٿيون تہ ٻئي طرف نين نين گروپس کي ناٽڪ اسٽيج ڪرڻ جو اُتساهہ پڻ بخشين ٿيون. اِنهن ناٽڪن جا اَنيڪ شو اسٽيج تي ڇڪا آهن ۽ اِنعام حاصل ڪري چڪا آهن.

ايڪانڪيءَ **'جهڳڙو'** ۾ ٻال منووگيان جو ليکڪ سنو استعمال ڪيو آهي... **'پيڪي هلي ويندي سانوَ.'** ايڪانڪي ۾ 'نرمل' پتي - پتنيءَ جي رسڻ پرچڻ، لاڏ ڪوڏ کي پيش ڪيو آهي... **'همايون اَڪبر جو پٽ هئو'** طنزي ناٽڪ آهي... **'ٻوڙا اَچي مڙيا'** ناٽڪ ۾ 'نرمل' اِنساني بدني وڏ مان ناٽڪي عناصر ڳولي ڪڍيا آهن. اِتي 'نرمل'... لفظن مان ناٽڪي بَنياد ڪڙو ڪيو آهي.... **'جوءِ ڪپي'** ايڪانڪي ۾ 'نرمل' مئريج اِنفرميشن بيورو ڪاريہ واپار تي مذاقي طنز ڪئي آهي... ڪردارن کي الڳ الڳ ٻولي ڏيڻ ۾ 'نرمل' مهارت حاصل ڪئي آهي... **'بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شاديءَ'**... ۾ 'نرمل' هڪ سماجڪ طنزنگار جي روپ ۾ اُڀريو آهي... **'رڪ صندليءَ تي پير'** ايڪانڪيءَ ۾ نرمل ٻاءُ پيڻ جي شرارتن، ماءُ پيءُ جي اولاد کي اُڪلائڻ جي چنتا کي چٽيو آهي... **'بچت'** ناٽڪ ۾ 'نرمل' سنڌي گهرو جيوت جو شاندار چتر چٽيو آهي... ليکڪ ڪارائتو نقطو ڏسيو آهي تہ ڪابہ شي Waste نٿي وڃي. اُن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ استعمال ٿي سگهي ٿو. ... **'نئون ٽيليفون'** ايڪانڪي ۾ 'نرمل' ٽيليفون جي اِردگرد ناٽڪ جوڙيو آهي... ايڪانڪي **'سر ڙي سر'** ۾ سنڌ جون يادگيريون مهانگائي، روزمرهہ جي چنتائن ۽ پئسي پئسي جي بچت ذريعي سنڌي مڊل ڪلاس جيوت اُڀري آئي آهي... گهرو ٻوليءَ ذريعي 'نرمل' واهہ جو مذاق پيدا ڪيو آهي... **'دل جون ڳالهيون'** ايڪانڪيءَ ۾ 'نرمل' مهانگر ۾ وڌيڪ آدمشماري سبب پيدا ٿيل جڳهہ جي تنگيءَ طرف اِشارو ڪيو آهي... هڪ طرف زندگيءَ جون تقاضائون آهي، ٻئي طرف شهري زندگيءَ جون علامتون، جن کي بہ 'نرمل' مذاقي نوع ۾ چٽيو آهي... **'ہہ ٿي ٻار ٻيڙا ئي پار'** ۾ 'نرمل' فئملي، پلئننگ جو مسئلو کنيو آهي... 'نرمل' جو مونولاگ **'هڪ شهيد جي موت تي'** ديش پريم سان ٽمٽار آهي... جذبات پريو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي...

'نرمل' سنڌي ٿئيٽر سان لڳ ڀڳ چاليهہ سال وابستہ رهيو آهي سندس ايڪانڪيون سنڌي ٿئيٽر جي کوٽ جو پورائو ڪن ٿيون. پر مونکي اُن ڏينهن جو اِنتظار آهي جڏهين سندس آزمودي ۽ ٻي جوڙ قلم مان هڪ ماسٽر پيش تہ فصلي ناٽڪ جي تخليق ٿيندي، جيڪو سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيندو.

(سورٺ-۴ ناٽڪ اَنڪ تان)

ناٽڪ **'اَمان جو پينگهو'** جو پهريون پريوگ، نهرو سينٽر جي آڊيٽوريم ۾، ٢١ مارچ ٢٠٠٣ تي 'اَسين سنڌي' طرفان پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪلاڪارن ڀاڱو ورتو:-

شيوڪ : **وڪاس ماکيجا**
پدمڻي : **ريشما مولچنداڻي**
مهيش : **گريش آهوجا**
دوست ١ : **موهت خوشحالاڻي**
دوست ٢ : **سميت جيسواڻي**
اَمان : **آرتي جادواڻي**
آفيسر ١ : **پروفيسر نرين ايسراڻي**
آفيسر ٢ : **اَجيت منيال**
پنڪي : **پريتي بابلاڻي**
لاڏو ڳائيندڙ : **٤ زالون**
گرڀوتي زال : **پروفيسر نيها ايسراڻي**
ڪنوار پيءُ : **واسديو نرمل**
گهوٽ پيءُ : **راڄن شرما**
ڀلاج : **ڀڳوان بابلاڻي**
ڀڳت : **ڀڳت ڪمل**
ڀراڻو ڪرائيندڙ : **ڪنعيالعل لعلواڻي، شيلا وسنداڻي، جسونت چاولا وغيره**
لاڏو ڳائيندڙ زالون: **ڏمي، پشپا، درو، رتنا**
ويس وڳا : **اِندو ڪنر**
گيت : **واسديو نرمل**
ٽائٽل گيت : **پريو وفا**
سنگيتڪار : **گهنشيام واسواڻي**
گائڪ ڪلاڪار : **ميناڪشي، شلپا ۽ گهنشيام واسواڻي**
ليکڪ : **واسديو 'نرمل'**
پروڊيوسر : **جئرام روپاڻي، پاران 'اَسين سنڌي'**
هدايتڪار
سيٽ ڊزائن،
روشني بندوبست } **جگديش شرما**

هڪ ويچار

جيڪي سنڌي ڪانوينٽ ۾ انگريزي پڙهڻ ڪري يا مڪاني ٻولين ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ سبب، سنڌي ٻولي پڙهي نٿا سگهن، پر سنڌي ٻولي سمجهي سگهن ٿا، اُهي رنگ منچ يا ريڊيو تي ٿيندڙ سنڌي ناٽڪ ڏسي يا ٻڌي، اُنهن ناٽڪن ۾ پيش ڪيل مسئلن تي غور ڪري سگهن ٿا. اَهڙيءَ طرح سنڌي ناٽڪ نويس هڪ انوکو رول ادا ڪري سگهي ٿو.

ان ڪانسواءِ، اهڙن سنڌي ادب کان محروم سنڌين لاءِ، بهترين سنڌي ناول يا ڪهاڻيون، جن کي سولائيءَ سان، ناٽڪ جو روپ ڏيئي سگهجي، اُنهن کي ناٽڪي روپ اهڙي دلچسپ نموني ڏيڻ گهرجي، جو ناٽڪ ڏسي يا ٻڌي، اهڙا 'سنڌي'، سنڌي اَدب جو حظ وٺي سگهن. اِن ڏس ۾ ريڊيو ٽوڙي ٽي. وي. ذريعي گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

واسديو 'نرمل'
چيٽي چنڊ ، سنڌيت ڏينهن ١٩٧٥
(ناٽڪ 'مس ريتا' تان)

سوچنا

هن ڪتاب ۾ چپيل ناٽڪ جي ٻين ٻولين ۾ ترجمي، درسي ڪتابن ۾ درج ڪرڻ، ٻيهر ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ وغيره جا سڀ حق ۽ واسطا، شريمتي پورڻما واسديو ماڌو وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب ۾ ڇپيل ناٽڪ اسٽيج ٽي.وي خواه ريڊيئي تي آڻڻ لاءِ به شريمتي پورڻما واسديو ماڌو کان، هيٺ ڄاڻايل پتي تي خط لکي، اڳواٽ لکيت ۾ اجازت وٺڻ ضروري آهي.

ائڊريس :
شريمتي پورڻما واسديو ماڌو،
فلئٽ نمبر سي - ٢١
جي. وي. پي. ڊي. اسڪيم،
نارٿ سائوٿ روڊ نمبر ٥،
جوهو، ممبئي ٤٠٠٠٤٩

- واسديو ”نرمل“

شري واسديو "نرمل" جا ڇپيا ڪتاب

اَصلوڪا

١ -	منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت	(شعرن جو مجموعو)
٢ -	ٻوڙا اَچي مڙيا	(٥ ايڪانڪي ناٽڪ)(٣ ڇاپا)
٣ -	بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي	(٤ ايڪانڪي ناٽڪ)(٢ ڇاپا)
٤ -	سس ڙي سس	(٦ ايڪانڪي ناٽڪ)(٤ ڇاپا)
٥ -	اَمان توکي خبر آهي؟	(ٻارن لاءِ مونولاگ)(٣ ڇاپا)
٦ -	هائي هات	(شعرن جو مجموعو)
٧ -	ڳالهيون دل جون	(غزلن جو مجموعو)
٨ -	لاڏي لاڏي آندي، پر...	(ٽي - انڪي ناٽڪ)
٩ -	نقش - پا	(مضمونن جو مجموعو)

اُلٿو ڪيل

١ -	هڪ... ٻه... ٽي	(ٽي- فصلو ناٽڪ)
٢ -	هيءُ پياسو من منهنجو	(ٽي- فصلو ناٽڪ)
٣ -	عورت ۽ بوتل	(ايڪانڪي ناٽڪ)
٤ -	پلءُ پلي	(ٽي - اَنڪي ناٽڪ)
٥ -	مس ريٽا	(ٻه - اَنڪي ناٽڪ)

ترجمو ڪيل

١ -	پاتال	(مئڪسم گورڪي جي ناٽڪ Lower Depth جو ترجمو)
٢ -	چوندڊ مراٺي ڪهاڻيون	(ڀاڱو پهريون)
٣ -	چوندڊ مراٺي ڪهاڻيون	(ڀاڱو ٻيون)

ڪتابن ملڻ جا هنڌ

١ - جڳديش بوڪ ڊيپو	جاپاني بازار	اُلهاسنگر - 421002
٢ - هندستان ڪتاب گهر	امبالال ڏوشي مارگ	ممبئي 400001
٣ - سيتا سنڌو ڀون	سانتا ڪروز (اوڀر)	ممبئي - 400055
٤ - آسين سنڌي	وينا بينا شاپنگ سينٽر	باندرا، ممبئي - 400050

ڀُلنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
4	٩	مان	مُون
4	٢٤	جي گ	جي
4	٢٥	يتن	ڳيتن
4	٢٥	روپاٽي	روپاٽيءَ
9	٩	هاٽي	هيڏانهن
9	١٣	سريش	مهيش
10	٤	اَچي ٿو	(اَچي ٿو.)
25	٢٩	ٿيڪڙ	ٿيا ڪڙ
27	٦	صَدر وري	سدوري
35	٥	اِچا	اَچا
39	١٣	سهڙي	سهري
41	٢	شيوڪ	(شيوڪ
41	١٤	اَنڪري	اِنڪري
42	٣٠	آو ز	آواز
47	١٣	سنڌي	سِڌي
47	٢٧	مان	ماءُ
48	١٥	ٿيلهي	(ٿيلهي
بئڪ ڪور	٧	اَڄ	اَڄ

1005

واسديو نرمل

'نرمل'، سنڌي رنگ منچ جو هڪ سانتيڪو، پر محنتي سپهه سالار آهي. شاعريءَ ڪانپوءِ، سنڌي ناٽڪ سان، 'نرمل' کي بيحد پيار آهي. هو نه صرف سنڌي ناٽڪ لکي ٿو، پر گجراتي، مرهٽي، بينگالي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ٿيندڙ ناٽڪ ڏسڻ ڪري، اڄ جي ناٽڪ جي 'ٽيڪنيڪ' جي به پوري ڄاڻ رکي ٿو. اِهوئي سبب آهي جو 'نرمل' سنڌي رنگ منچ کي ڏهه ٻارهن ڪامياب طويل ناٽڪ ([illegible]) ڏنا آهن، جن ۾ 'هيءُ پياسو من منهنجو'، 'پلءُ پلي'، 'جڏهن مان نه هوندس'، هڪ... ٻه... ٽي...'، 'رات جو يارهين بجي'، 'پيار ڪري ڏس'، 'ضرورت آهه جوءِ جي' سنڌي رنگ منچ جا يادگار ناٽڪ آهن. هڪ اُمنگ ڀرئي ناٽڪڪار جيان، 'نرمل' ناٽڪ لکڻ بعد گهر وڃي آرام نه ڪندو آهي. پر، سندس ناٽڪ ڪيترين مشڪلاتن ۽ مصيبتن مان پار پئي، اسٽيج تي پيش ٿئي ٿو، اُنجو درجي به درجي، هو جائزو وٺي، هر ناٽڪ ڪانپوءِ هڪ قدم اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نه صرف ايترو پر، ناٽڪ کي پنهنجي ٻار جيان پاليندي، اُن لاءِ ڪوبه مشڪل ڪم ڪرڻ لاءِ هميشه تيار رهندو آهي.

'نرمل'، نه صرف دنيا پر مشهور ۽ ڪامياب ناٽڪن کي سنڌي جامو پهرائي، سنڌي ساهتيه ۽ ڪلا سان وڙ ڪيو آهي، پر ساڻ ساڻ هن ڪيترائي اصلوڪا ايڪانڪي ناٽڪ به ريڊيو ۽ رنگ منچ لاءِ لکيا آهن.

مدن جماٽي

(ناٽڪ 'مس ريتا' تان)